# دل جي دري

[ڪهاڻيون]



## پرويز

# دل جي دري

[ڪهاڻيون]

پرويز

سچائي اشاعت گهر - دڙو

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : دل جي دري

ڪهاڻيڪار : پرويز

ڇاپو : پهريون- 2008ع

تعداد : 500 ڪاپيون

ڪمپوزنگ : منظور احمد جوڻيجو شاهد شاهه

(الرزاق ڪمپوزنگ سينٽر رابعه اسڪوائر حيدرآباد. 022_2787839)

ڊزائن ۽ لي آئوٽ : مور ساگر (0333_2634650)

ڇپائيندڙ : سچائي اشاعت گهر- دڙو

ڇپيندڙ : الرزاق ڪمپيوٽر اينڊ پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد.

پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت =/130 روپيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

پنهنجي پيار جوڙ
هيءُ پورهيو
ارپيان ٿو
پنهنجي سياسي استادن
شهيد نجم الدين ميمڻ
مرحوم اڪبر شاهه
مرحوم شير خان لنڊ
۽ مرحوم محمد قاسم "پٽ" سنڌي کي
جن منهنجي سياسي تربيت ڪئي.

**پـرويـز**

# فهرست


| | |
|---|---|
| ڏاڙيل جي ڌيءَ | 9 |
| عشق دي گلي | 24 |
| چوريءَ جي دل | 46 |
| ماڻهوءَ جو قُر | 51 |
| اجڙيل اڱڻ ـــ ويران واٽون | 56 |
| دل جي دري | 70 |
| درد جي سوٽ | 94 |
| گولڊ ميڊل | 106 |
| نهر منهنجو نينهن | 113 |
| شاني ۽ شامي | 120 |
| جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو | 127 |
| ٻنهر اِيئن | 130 |
| پٽڙو چيٽو | 133 |
| غيبات نہ پر اُٿ | 136 |
| اسين ويٺا آهيون نہ! | 139 |
| لڙي شام | 144 |
| مڙساڻو انگ | 155 |
| نيٺ تہ ڪٽندو پنڌ | 165 |

# پبلشر پاران

'سچائي اشاعت گھر' پاران ڪھاڻيڪار، ناول نويس ۽ مترجم محترم پرويز جو نئون ڪھاڻي ڪتاب "دل جي دري" حاضر آهي. هن کان اڳ اداري طرفان پرويز جا چار ڪھاڻي ڪتاب، "رت جا ڦڙا"، "وڇايل مُرڪ"، "ماجر جي حور"، "منهنجو پاڻي بند نه ڪجانءَ" ۽ هڪ ناول "لڙڪن آجا نيڻ" ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. اداري پاران پرويز جو ايندڙ ڪتاب سندس آتم ڪهاڻي هوندو، جيڪو پڻ ڪمپوزنگ جي مرحلي ۾ آهي.

پرويز هڪ ڪميٽيڊ ۽ گھڻ طرفو ليکڪ آهي، سندس لکڻين ۾ ساٽيھ جي سِڪ، محبت، سماجي ناسورن سياسي ۽ سماجي مسئلن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. پرويز جيڪو به لکيو آهي هڪ ڪمٽمنٽ تحت لکيو آهي ۽ اها پرويز جي لکڻين جي وڏي خوبي آهي.

يوسف سنڌي

دڙو

# ليکڪ پاران.....

هي منهنجو ڇهون ڪهاڻي ڪتاب آهي. هن کان اڳ ۾ ”سڄي تنهنجو سڏ“ 1978ع ۾ ”رت جا ڦڙا“ 1989ع ۾ ”وچايل مرڪ“ 2005ع ۾ ”ماڃر جي حور“ 2007ع ۾ ۽ ”منهنجو پاڇو بند نه ڪجانءِ“ 2007 ۾ شايع ٿي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. هڪڙو ناول ”لڙڪن آڄا نيڻ“ 2006ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن کان پوءِ منهنجي آتم ڪٿا اچڻي آهي. ترجمو ڪيل منهنجي ڪتابن جي الڳ فهرست آهي. اهڙي طرح ڪُل ملائي منهنجي کاتي ۾ سورنهن سترهن ڪتاب اچي وڃن ٿا. پر متهنجي پاڻرن، پاڻتن، پٽن، ڌين يا پاڙي ۾ رهندڙ برادريءَ وارن کان پڇبو ته شايد ٿي ڪنهن کي منهنجي ڪتابن جي باري ۾ ڪا ڄاڻ هجي!!

پوءِ به آءٌ ڇو پيو لکان!؟ ان جو جواب آءٌ ڏيان، تنهن کان وڌيڪ بهتر جواب منهنجي پاران يوسف سنڌي ”وچايل مرڪ“ جي ’پبلشر پاران‘ واري صفحي ۾ ڏيئي چڪو آهي. لکيو اٿس: ”..... پرويز پنهنجي جاءِ تي ان ڪري بيٺو آهي جو هن کي قلم هٿ ۾ جهليل آهي.... هُو انهن سيني ڳالهين، ويساهه گهاتين، بدمعاشين ۽ زور آورين کي پنهنجي قلم جي ذريعي نگهوسار ڪندو پيو اچي...... پرويز جون ڪهاڻيون انهن سيني گندگين، ويساهه گهاتين ۽ بدمعاشين تي ايف آءِ آرون آهن ۽ ضروري ڪونهي ته هر ايف- آءِ آر تي هڪدم قدم کڄي....... اهي تاريخ جون ايف، آءِ، آرون آهن..... جن تي تحرڪ به تاريخ وٺندي ۽ فيصلو به تاريخ ڏيندي.....“

سڄي جهان جي ليکڪن وانگر منهنجي به اها خواهش رهي آهي ته منهنجون لکڻيون گهڻي کان گهڻا ماڻهو پڙهن. اُها رسائي حاصل ڪري سگهڻ يا نه ڪري سگهڻ بابت مون ڪڏهن به ڪوبه پوتاميل ڪونهي رکيو. ڇو ته غلام

قومن جي فردن جون خواهشون تہ نهيون پر بنيادي ضرورتون بہ ڪٿي ٿيون پوريون ٿين! بس هڪڙي ڳالهہ مون کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي تہ مون ڪنهن بہ شهنشاهہ، بادشاهہ يا ڪنهن بہ صدر ۽ وزير جي شان ۾ قصيدا ڪونہ لکيا آهن، جن وعدا خلافي ڪري مون کي اشرفين جي ٿيلهين کان محروم ڪري ڇڏيو هجي جنهن جو مون کي ڏک ٿئي يا صدمو پهچي. مون جن لاءِ لکيو آهي، تن وٽ وقت ئي ڪٿي آهي جو مون کي پڙهن. پڙهن بہ ڪيئن، پڙهيل جو ڪونهن! بس انهي آس تي، تہ ڪڏهن تہ منهنجي اباڻن ۾ ايتري ساڃهہ ايندي، ڪڏهن تہ منهنجا مِاروئڙا پيٽ جي جهنجهٽ کان آسودا ٿي سک جو ساهہ کڻندا. تڏهن من ڪين پڙهڻ پروڙڻ جو موقعو ملي! بس انهيءَ ويساهہ جي اُتساهہ تي لکان بہ پيو ۽ گهران خرچ ڪري ڇپرايان پيو. مون کي يقين آهي تہ هر وکر پٺي پراٽو ٽيڙو ناهي.

هڪ مشهور قانوندان دوست کي پنهنجي ڪهاڻي ڪتاب "وڃايل مُرڪ" جي اعزازي ڪاپي ڏنم. ڪجھ مهينن ڪانپوءِ جڏهن وري گڏياسين، تڏهن پڇيومانس"ڪتاب ڪيئن لڳو؟" سنجيدو ٿي چيائين "ڳالهہ هيءَ آهي تہ جن ماڻهن لاءِ تون لکين ٿو سي تہ پڙهن ئي ڪونہ ٿا. باقي جيڪي ڳاڻ ڳڻيا ماڻهو پڙهن ٿا، تن جي ڪم جون شيون ڪونهن. معنيٰ تہ ٻنهي طبقن لاءِ تنهنجون ڪهاڻيون ڪارآمد ناهن. تنهن ڪري منهنجي صلاح اٿئي تہ تون اهي شيون لک، جيڪي پڙهجن ٿيون." ڳالهہ مون کي بہ دل سان لڳي تہ برابر ڪم اُهو ڪجي جنهن مان ڪو هڙ حاصل ٿئي. باقي اجائي پورهئي پگهر وهائڻ مان فائدو ڪهڙو؟ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ان دوست جي راءِ منهنجي ذهن کي گهيرو ڪري مفلوج ڪندي رهي. ايتريقدر جو مرڳو لکڻ تان ئي ايمان ڪچندو پئي ويو. پوءِ جڏهن اُن قانوندان دوست جي صلاح جي گهيري مان ذهن کي آجو ڪيم، تڏهن ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ ماڻهو ڪري جي منڊ ڪانہ ٿيندي آهي. دراصل اُهو قانوندان دوست پهريائين هاري ورڪر هو. قومي ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ 1970ع کان 1980ع واري ڏهاڪي ۾

سندس تنظيمي، تحريڪي ۽ تحريري ڪوڙ ساريون ڪاوشون ۽ ڪارناما شامل هئا. پوءِ هُو دوست، پين ڪن ساٿين سميت تنظيم کان الڳ ٿي ويو. وڪالت ڪيائين. ڪنهن جج صاحب جي ڏيءُ سان پرڻجي پاڻ به جج ٿيو. هاڻي ڪراچيءَ ۾ وڪالت پيو ڪري. سندس چواڻي چاليهه پنجاهه هزار روپيا گهٽ ۾ گهٽ ماهوار ڪمايان ٿو. پر گهڻا پئسا ”پيئڻ کائڻ“ تي وڃايو ڇڏيان. ٻارڙا سٺن اسڪولن ۾ پڙهن پيا ۽ وقت سکيو پيو گذري.

ظاهر آهي ته اهڙي ڪريل ڪارڪن جي ته اها ئي سوچ ٿي سگهي ٿي. هو پنهنجي قومي جاڳرتا واري جدوجهد مان ڪنارا ڪشي ڪي ائين نه جسٽيفائي ڪندو ته وتس پيو ڪهڙو ڪس بچي ٿو. سو هُن جي سوچ پنهنجي جاءِ تي، منهنجو قلم منهنجي هٿ ۾ آهي. پنهنجي ”جيون جهلڪين“ ۾ مون هڪ پيرو اڳ به اِن آخري خواهش جو اظهار ڪيو آهي ته باقي جيترو وقت جيئان، پنهنجي ڌرتيءَ جي سڄڻن جي سات سان ئي سلهاڙيل رهان. پر جي ائين ڪرڻ کان به وڃان، ته گهٽ ۾ گهٽ ڌرتي ۽ قوم جي دشمنن جوساٿاري ته نه ٿيان.

سنڌ سلامت سات سلامت

اوهان جو پنهنجو

**پرويز**

سنڌ ميڊيڪل اسٽور

ميرپور ٻٺورو ٺٽو سنڌ.

تاريخ 1 اپريل 2008ع

موبائيل : 0308_3065201

# ڏاڙيل جي ڌيءَ

هوءَ سنهڙي هئي. سنهڙي تہ هئي پر صحتمند بہ هئي. سانوري هئي. سنهڙي چيلهہ اهڙي جون ٻن هٿن جي گهيري ۾ ئي اچي وڃي. ڊگهي سنهڙي ڳچي تہ ڪونج جي ڳچيءَ کي بہ مات ڏيو بيٺي هئي. ڊگهيون ڪاريون قدرتي ڪجل هاڻيون اکيون. پڪل جمونءَ جهڙا رسيلا چپ. سانوريون ماسيريون مِٽون. مٿي ۾ تيل وجهي، وچان سينڌ ڪڍي، چيلهہ تائين لڙڪندڙ چوٽيءَ ۾ پشم ۽ موتين سان مڙهيل رنگين سڳي ويڙهيندي هئي. هوءَ ٽپ ڀهراڙيءَ ۾ رهندي هئي. گجگاهہ ٻيلي جي وچ ۾ سندن گهر هو. چاڳي سندس نالو هو. ماڻس چاڳان چوندي هيس تہ پڻس وري چاڳل چوندو هوس. پر هوءَ هئي ماءُ توڙي پيءُ جي چاڳلي، ٻيرن جي گهاٽين هُڙين، چارين جي گهاٽن ويڙهن، ۽ ديوين جي گهاٽن جُهنڊن جي وچ ۾ سندن گهر هو. چڱيءَ خاصي ايراضيءَ ۾ جهنگ وڍي وڏا پُرهہ تار ڍنگرن جا لوڙها ڏيئي هڪ ڪشادو گهر ناهيو ويو هو. اُن ويڙهي اندر ئي مال جو وٿاڻ بہ هو تہ وڏي اڱڻ سميت هڪ خلاصو گهر بہ هو. ساڳئي نموني ۾ نهيل بہ ٽي گهر ٻيا بہ هئا، پر هر ڪنهن جو ويڙهو جدا هو. سڀ ڌوهاري قسم جا ماڻهو هئا. ويجهي ۾ ويجهو ننڍو شهر بہ وٿائن 15 ميلن جي فاصلي تي هو. پر رڳو ڪچي گاڏاوات جهڙو رستو بہ سندن گهر کان ٻہ ميل پري هو. گهران نڪري ڪچي گاڏاوات تائين پهچڻ لاءِ جهنگ مان رڳو هڪڙو ئي پيچرو هوندو هو. هوءَ دلمراد جي ڌيءَ هئي. دلمراد، جيڪو ڪو وقت هو جڏهن نالي وارو چور ۽ ڏاڙيل هو. پوءِ سندس پوتار پوليس جي ونگار وهي ڪيس جهلائي وڌو. پر هُو پوليس سان ڊيل ڪري وڏي رقم جي عيوض ٽاٽي تان پڄي نڪتو هو.

وڏي ۽ ٿورو وڏي آواز ۾ چيائينس: "ٻہ راتيون ڇڏي ورندي رات. ساڳئي پيٽيءَ تي، آڌيءَ رات ٽاٽي آءُ ايندس."

**

سهائي رات هئي. چنڊ گهاٽن وڻن مان لياڪا پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ٻن ڪوٺين اڳيان وراندي جهڙي ڇا پري هيٺ ٿي ڪتون پيل هيون. الهندي ڇيڙي تي چاڳيءَ جي کٽ پيل هئي. ڏگهن وڻن جي لڏندڙ لامن مان چانڊوڪي ڇٽي ڇاپري تائين پهچڻ جا جتن ڪري رهي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل چنڊ جي چانڊاڻ سڌي طرح چاڳيءَ جي سانورين ماسيرين مِٽن تي چاهت جون چميون ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو ٿي وئي. هوءَ اکيون کولي چنڊ جي اهڙي چلولائيءَ تي مرڪي رهي هئي. سندس اندر ٺري رهيو هو. ڪيتري دير تائين سندس دل ۽ دماغ ۾ جاري رهندڙ جهيڙي جي ڪري هوءَ منڌل هئي. ايتريقدر جو ننڊ بہ وٽانئس رسي ويئي هئي. هن جون اکيون کليون پيون هيون. هر طرف جهنگلي جيوت جي سنهڙن سنهڙن چرڙاٽن کان سواءِ مڪمل خاموشي ڇانيل هئي. آڌي رات جو سمو هو. هوءَ جيئن ئي هنڌ تي ليٽي هئي، تنهن مهل کان سندس دل ۽ دماغ ۾ جهيڙو متو پيو هو. هڪ پاسي راڻو هو ۽ ٻئي پاسي پاڻ. دماغ سندس نمائندگي ٿي ڪئي تہ دل وري راڻي جي پاسي هئي.

"نہ چاڻ نہ سڃاڻ، آءُ تنهنجو مهمان." سندس ذهن ۾ احتجاج اڀريو.

"چري، چاڻ سڃاڻ بہ تہ ڏسڻ ملڻ کانپوءِ ئي ٿيندي آهي نہ." دل دليل ڏنو.

"پر اِهو ڪهڙو طريقو آهي تہ گس هلندي ڏسڻ سان ئي پيو ڍاهيون ٻڌي ۽ سوکڙي گهري." ذهن ۾ ڪروڌ جاڳي.

"چاهڻ وارين دلين ۽ اکين لاءِ فاصلا پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن. هڪ نگاهہ ئي زمانن ۽ مڪانن جون ديوارون ڍاهيون ڇڏي." دل مان صدا نڪتي.

"پر هن کي خبر ڪانهي تہ آءُ ڪنهن جي ڌيءَ آهيان. دلمراد ڏاڙيل

جي ڏيءَ آهيان. ڪا مشڪريءَ جي ڳالهه ٿوروئي آهي.“ دماغ ۾ هٺ ۽ غرور ڪرَ ڪڍڻ لڳو.

”پر هوُ به ته ڏينهن ڏٺي جهنگ مان مينهن ڪاهيو پئي ويو. ڪجهه ته داتا ڪٺا هُن ۾ به ته ڏسجن پيا. ائين صفا وِيَل ته هو به ڪونه ٿو ڏسجي.“ دل ورندي ڏني.

”پر هن جي ايتري همت ڪيئن ٿي جو چوي پيو ته ”شئي ته پلي آهين.“ دماغ احتجاج ڪيو.

”عشق مٿي جو ڦريل هوندو آهي. عشق مٿانهون ٿي ڳالهائيندو آهي. عشق ڪنهن کان ڊڄندو ڪونهي.“ دل دليل ڏنو.

”هونهه، سمجهي الاجي ڇا ٿو پاڻ کي.“ دماغ آڪڙ ڏيکاري.

”تو تي چريو ٿي پيو آهي، پيو ڇا ٿو سمجهي پنهنجو پاڻ کي.“ چاڳيءَ جي دل ۾ ڇهنڊڙي پئجي ويئي ۽ سرير ۾ سيٽاندڙو ڊوڙي ويو.

”اون هون. مون ڪو ڇيومانس ته مون تي چريو ٿي ڇا؟“ دماغ هٿيار ڦٽا ڪرڻ لڳو.

”ڪير ڪنهن کي چوندو ٿوروئي آهي ته مون تي چريو ٿي.“ دل چيو.

” پر گهٽ ۾ گهٽ مون ته......!“ دماغ هارائي ويو.

”ڪير چوي يا نه چوي، چريا چاهڻ وارا ڪنهن کان پڇي ٿوروئي چاهت جون وکون کڻندا آهن. چاهت ته هڪ دلي جذبو آهي، جيڪو جبل مان پاڻمرادو اُڀَڪي نڪرندڙ پاڻي جي چشمي وانگر ماڻهوءَ جي من ۾ هيجان برپا ڪندو آهي. هن به توکي ڏسڻ شرط ئي پنهنجو سر تنهنجي قدمن ۾ رکي ڇڏيو آهي.“ دل خوش ٿيندي چيو.

”پر... پر...“ دماغ وڌيڪ ڪو دليل ڏيئي نه سگهيو ۽ دل ۾ خوشيءَ جي لهر هوريان هوريان ڇوليون ڇوليون ٿي اڳتي ۽ اڳتي پيش قدمي ڪري رهي هئي. مناس پريئي سرور جي ڪيفيت ۾ سرشار ٿي هوءَ سندن ڳل ڇمندڙ چنڊ جي چانڊاڻ کان شرمائڻ لڳي. هن جي سيني جي اُڀارن ۾ اهڙي سرور جون ڪتڪتايون ٿيڻ لڳيون، جيڪا زندگيءَ جي انمول حاصلات هوندي آهي. ۽ جنهن جي تصور ۾ ئي ماڻهو حياتيءَ تان هٿ کڻڻ لاءِ به تيار

# عشق دي گلي

مون تازو گريجوئيشن ڪئي هئي. نوڪريءَ جي ڳولا ۾ هوس. هِن ڪان اڳ مون کي تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ لاڳيتا پنج سال پنهنجي گهر ۽ شهر کان پري رهڻو پيو هو. اُن عرصي دوران موڪلن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اتفاق سان آءٌ "سندن" گهر ويندو هوس، ڪڏهن "ڪيس" ڏسندو هوس ته ڪڏهن ڪانه ڏسبي هئي. هاڻي جو واندو هوس ۽ پنهنجي گهر رهيو پيو هوس، سو هفتي يا ڏهين ڏينهن، جڏهن به "انهن"جي پاڙي مان لنگهندو هوس ته "سندن" گهر هليو ويندو هوس. "هوءَ" منهنجي مامي جي ڌيءَ هئي.

هوءَ مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. خاص ڪري سندس هر وقت خماريل نيڻ مون کي ڏاڍا وڻندا هئا. توڙي جو مون کي اِها به خبر هئي ته هُنَ سندس سئوٽ زاهد لاءِ مريو ٿي متا ڏنا. پر پوءِ به هوءَ مونکي ڏاڍي وڻندي هئي. ڪنهن شئي جو حاصل ڪرڻ ڪنهن ماڻهوءَ جي اختيار ۾ ڪڏهن هوندو آهي ته ڪڏهن ڪونه به هوندو آهي. پر ڪنهن شئي جو ڪنهن کي وڻڻ، اهو بلڪل ڪنهن جي اختيار ۾ ڪونهُ هوندو آهي. ڪابه شئي، ڪنهن به ماڻهوءَ کي بي اختيار وڻي سگهي ٿي. پوءِ توڙي جو اُها شئي سندس پهچ ۾ هجي يا پهچ کان ٻنهُ ٻاهر. پر دل ڪنهن تي به هرڪجي سگهي ٿي. هرڪڻ ۽ حاصل ڪرڻ به الڳ مرحلا آهن..

بهرحال، هوءَ مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. خصوصاً سندس هروقت خماريل نيڻ مونکي ڏاڍا وڻندا هئا. پر هوءَ گهڻو ڪري ته مون ڏانهن نهاريندي ئي ڪانه هئي. آءٌ جڏهن به سندن گهر ويندو هوس ته هوءَ مون کي هٿ ڏيئي پاسيري ٿي ويهي رهندي هئي، يا پنهنجي معمول جي ڪم ڪار ۾ مصروف هوندي هئي. سندس چهري تي يا سندس نگاهه ۾، مون نه ڪڏهن پنهنجي لاءِ چاهه محسوس ڪيو ۽ نه ئي ڪنهن بيزاريءَ جا ڪي اهڃاڻ. جيڪڏهن هوءَ ڪم ڪار ۾ مصروف نه هوندي هئي ته اڪثر منهنجي ۽ سندس ماءُ جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه خاموشيءَ سان ويٺي ٻڌندي هئي. هوءَ گهڻو ڪري پنهنجي خيالن ۾ گم هوندي هئي. ڪيڏيءَ مهل ڪٿي ڪو مون ڏانهن نهاريندي هئي ۽ جيڏي مهل به مون ڏانهن نهاريندي هئي. تيڏيءَ مهل سندس خماريل اکين جا مدهوش ڪندڙ نشيلا تير منهنجي دل ۾ چُڀي ويندا هئا ۽ منهنجي من کي گهايل ڪري وجهندا هئا.

سندس ماءُ، يعنيٰ منهنجي ماميءَ سان، منهنجي گفتگو اڪثر عام رواجي ٿيندي هئي. گهر گرهستي، گذر سفر، اوڙي پاڙي، راڄ ڀاڳ ۽ منهنجي پڙهائي ۽ نوڪريءَ جون خبرون چارون ٿينديون هيون ۽ ائين آءٌ ڪلاڪ اڌ ماميءَ وٽ ويهي چانهه جو ڪوپ پي هليو ويندو هوس ۽ بس.

”هُن“ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اسانجي گهر ۾ عورتن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه به ٻڌندو هوس ته هوءَ سندس سئوٽ، سڳي چاچي جي پٽ زاهد کي دل ۽ جان سان ٿي چاهي، اهو به ته زاهد به هن لاءِ مريو ٿو پوي. وڏيڪ هي به ته ڪجهه وقت اڳ ۾ ٻنهي گهرن ۾ انهيءَ سڱاوتيءَ لاءِ ڳالهه ٻولهه به هلي هئي ۽ ٿوري گهڻي پيش رفت به ٿي هئي. پر پوءِ زاهد جو پيءُ ۽ هُن جو پيءُ ملڪيت جي ورهاست تان پاڻ ۾ وڙهي پيا هئا ۽ هڪ ٻئي تي ڪيس ڦڏا پڻ ڪيا هئائون. تنهن ڪري في الحال ته سندن وچ ۾ ايترا ويڇا پئجي ويا هئا جو ڪنهن به سرچاءَ جو ڪو امڪان ذسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. جيستائين پائر پاڻ ۾ نتا ٺهن،

تيستائين هُن جي ۽ زاهد جي شاديءَ جو مسئلو به حل نٿي ٿي سگهيو. اِڪثر ڪري مامي اِن جهيڙي جو ته ذڪر ڪندي هئي مون سان، پر اُن ڪان اڳتي، هُن جي ۽ زاهد جي نسبت بابت ڄاڻي ٻجهي ڪا ڳڙڪ ڪانه ٻوليائين.

پوءِ جهيڙي اهڙي نوبت وڃي اختيارڪئي جو ٻنهي هڪٻئي ڪان ٽُٽي ويا. منهنجا هو ٻئي ماما هئا. اُن عزازت جي رشتي جي حوالي سان اسان ڀرپور ڪوشش ڪئي ته ڪو ناهه جو گس نڪري پوي، پر جڏهن ٻنهي ڌُرين اسان جي ڳالهين کي ڪا اهميت ڪانه ڏني، تڏهن اسان پنهجا پير جهلي ويهي رهياسين. جهيڙي دوران ئي زاهد جي پيءُ هڪڙو انتهائي قدم کڻي ورتو. زاهد جي پيءُ ٻنهي تڪڙ تڪڙ ۾ اول ٻئي پاسان زاهد جي مڱڻي ڪئي ۽ پوءِ سُتت ئي شادي ڪري ڇڏي. چو جو کيس خبر هئي ته زاهد هن جهيڙي ۾ چاچينهس لاءِ نرم گوشو رکي ٿو. ممڪن آهي ته ڪنهن ڏاڪي تي هوُ ڪانئس ڦري نه وڃي. تنهن ڪري هن پنهنجي لاءِ اِها ڪمزور پوائنٽ ختم ڪري ڇڏي. زاهد پڻس جي دٻاءَ ۾ هو. سو شاديءَ مهل ڪو وڏو هنگامو ڪونه ڪيائين. باقي ٿوري گهڻي مزاحمت ڪيائين. پر پڻس جي ٻنهي سخت ۽ جارحانه رويي جي ڪري هُو خاموش ٿي ويو ۽ ماٺ مٺيءَ ۾ شادي ڪري ڇڏيائين.

زاهد جي بيوسيءَ ۽ بي همتيءَ هُن تي ڏاڍو ڳهرو اثر ڇڏيو. هوءَ پڄي پور پور ٿي پئي هئي. هن جو اعتماد ڇيهون ڇيهون ٿي ويو هو. هن جي پروسي کي پائمال ڪيو ويو هو. هوءَ ڏاڍي بردبار ۽ ڏاڍي ڳري طبيعت جي ڏياڻي هوندي به پاڻ تي ضبط رکي نه سگهي. هن جو اندر پرزا پرزا ٿي پيو هو. ٻڌو هوم ته هوءَ زاهد جي شاديءَ واري رات ڏاڍو رُني هئي. ۽ ڪيترائي ڏينهن پئي رُني. کائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيائين. بيمار به ٿي پئي. بستري سان وڃي لڳي. اسپتال داخل ٿي. پر پوءِ انهن سمورين ڳالهين جي باوجود به هوءَ جيئري رهي. پنهنجي دل لڳائڻ جي بدلي جي سزا ڀوڳڻ لاءِ هُن هڪ پيرو موت جي مُنهن ۾

هوندي. مون چرڪي سندس اکين ۾ نهاريو. سندس خماريل اکين ۾ پيڙاهن جا پهاڙ هئا. ڏکن جا ڏونگر هئا. حسرتن جا ڪوهستان ۽ چولستان هئا ۽ لڙڪن جا سمنڊ چوليون هڻي رهيا هئا. مون پاڻ کي سندس اڳيان هيڻو محسوس ڪيو. منهنجي زبان تارؤن سان چنبڙي پيئي. مون کان پنهنجي بچاءَ ۾ هڪ لفظ به ڳالهائجي نه سگهيو. ڪي پل، ڪي ساعتون اکيون اکين ۾ اٽڪيون رهيون. سندس اوچتي جُلهه جي ڪري وکري ويل پنهنجي حوصلي ۽ همت کي سهيڙي سميٽي، پهريون ڀيرو سندس نالي سان مخاطب ٿي چيومانس:

”ڪونج! لطيف سائين چيو آهي:

ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين،

ڪي ڇڙهن نه چت تي، ڪي وسرن نه مور،

جيئن مينهن ڳنديءَ پور، تئين دوست وراڪو دل سين.

آءٌ برابر ڳچ ڏينهن کان پوءِ آيو آهيان، پر يقين ڪر ته تون هڪڙو پل به منهنجي دل ۽ دماغ کان پري نه رهي آهين. مون کي خبر آهي ته ڪي ڪي درد اهڙا هوندا آهن جن کي دلجوئيءَ جي ضرورت هوندي آهي، پر ڪي ڪي درد اهڙا به هوندا آهن، جن لاءِ اڪيلائي ۽ تنهائيءَ جا پها ئي ترياق ثابت ٿيندا آهن. مون ڄاتو ٿي ته هن مهل توکي تنهائي درڪار آهي، تنهن ڪري ڄاڻي واڻي ڪونه پئي آيس ته جيئن تون پنهنجي دل پنهنجي اختيار ۾ ڪري سگهين ۽ وقت جي مرهم سان دل تي آيل گهاون جو درمان ڪري سگهين. مون تنهنجي تنهائيءَ ۾ خلل وجهي توکي ايذائڻ نٿي چاهيو. مون تنهنجي اشانت من کي وڌيڪ وياڪل ۽ بي سُکي ڪرڻ نٿي چاهيو.“

ڳونج جي اٽين ۽ رُکن چپن تي زهريلي مرڪ پکڙجي ويئي. انتهائي ويچارگيءَ واري ۽ مايوس لهجي ۾ چيائين: ”رڻ ۾ رُڃ پاڻي هجڻ جو دوکو ڏيندي آهي ۽ پاڻيءَ لاءِ پياسو هرڻ هنيلو رُڃ کي اُڃ اُجهائڻ جو وسيلو سمجهي، اُن پويان ڊوڙندو آهي. رُڃ ته رُڃ هوندي آهي، جيڪا ڪڏهن به ڪنهن جي اُڃ اُجهائي نٿي سگهي. سو

اگهاڙو ڪو هڪڙو هلي سگهندو آهي. هر ڪنهن جي وس جي بات ناهي. عشق دي گلي وچئون ڪوئي ڪوئي لنگهندا." مون کان ٿڌي آهہ نڪري ويئي. ويچارگيءَ مان ڏانهس نهاريم. هوءَ اڳ ۾ ئي مون ڏانهن نهاري رهي هئي. نگاهون ٽڪرايون جهڙوڪر بدن ۾ ڪرنٽ گذري ويو. هن نہ ڳالهايو. تڏهن وري ڳالهايم. "پر ..... ڪڏهن ڪڏهن، ڪي ماڻهو مرڻ کان اڳ ۾ پنهنجون اکيون عطيي طور ڏيئي ويندا آهن. کين خبر هوندي آهي تہ مرڻ کان پوءِ کين اکين جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هوندي آهي. تنهن ڪري اها وڏيڪ سٺي ڳالهہ آهي تہ سندن اکيون قبر ۾ جيتن ۽ ڪيڙن جو کاڄ ٿيڻ بدران ڪنهن بي نور زندگيءَ لاءِ اجالو بڻجي پون. ممڪن آهي تہ توهان جنهن پنهنجي وجود کي، ڪابہ اهميت نٿيون ڏيو سو ڪنهن جي اجڙيل زندگيءَ ۾ بهار بڻجي پوي ۽ ان بهار ۾ ڪي نوان گونج نڪرن. مکڙيون ٽڙن. گل کِلن خوشبو مهڪي، سرهاڻ واسجي، عطر اوتجي، سڳنڌ ۾ جاڙا ساهہ کڄن ۽ ائين ڪنهن جي زندگي، زندگي ٿي پوي."

"هڪڙي در تان ڌڪاريل وري ٻين ۾ ڪهڙيون آسون ڪري ۽ اميدون رکي. جڏهن بسم الله ئي غلط ٿي، تہ پوءِ اڳتي لاءِ ڪهڙو ويهي نُور نچوئجي. لطيف سائين هيئن بہ چيو آهي. تہ:

دل جو دوست هڪڙو گهڻا تان نہ ڪجن،
دل بہ ڏجي هڪڙي کي توڙي سَوَ سدون ڪن،
سي چلولا چئجن، جيڪي در در لائين دوستي،
سو اسان جيئڻ کان ......!"

"ابا، تون ڪيڏي مهل آئين؟" ماميءَ چانئٺ ٽپندي ئي پڇيو.

"مامي، اجهو هاڻي آيو آهيان. اِهي ڪيٰ پنج ست منٽ مس ٿيا آهن." ڳُونج ۽ منهنجي وچ ۾ ٿيندڙ گفتگو بند ٿي ويئي ۽ آءٌ وري ماميءَ سان لهوارين اوپارين ۾ لڳي ويس. اڄ ماڻس جي چوڻ کان سواءِ ئي ڳُونج پاڻمرادو اٿي وڃي منهنجي لاءِ چانهہ ناهڻ لڳي. آءٌ ڪلاڪ اڌ ويهي هليو ويس.

”توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟“ پڇيائين.

”فرسٽ ڪلاس، تمام نيڪ. پر مون توهان کان خيريت پڇي هئي ته توهان جواب ئي ڪونه ڏنو“

”آءٌ ڇا ٻڌايان ته منهنجا ڪهڙا حال آهن؟جيڪڏهن تائيم ملي ۽ مناسب سمجهو ته اچي روبرو ڏسي وڃجو. نه ته به منهنجو زور ڪونهي.“

”الا! اهڙا وَڏَ ته نه وجهو. توهان جي لاءِ ڪئين نه تائيم هوندو. آءٌ صبح جوئي توهان ڏانهن ايندس. توهان کي خبر به آهي. ته مون پري رهي وقت جا ڏونگر ڪيئن ڏوريا آهن؟ 'يادن' جي سهاري ڪيئن ڪئين راتيون اجيون ڪيون آهن. ڪيئن نه پنهنجي من مندر ۾ 'يادن' جي مورتي سجائي آهي. جنهن جي چرنن ۾ويهي، اکيون پوري، هٿ ٻڌي سندس پوڄا ڪندو رهيو آهيان. سندس قدمن ۾ گلاب جي گلن جون پتيون پکيڙيندو آهيان ۽ ايئن منهنجا روزا ۽ نمازون، پوڄا ۽ پاٺ 'ياد' جي ديويءَ جي نذر هونديون آهن. پر....“ مون جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”پر ڇا؟“

”پر ڪهڙي خبر ته ان 'يادن جي ديوي' جي دل ۾ به ڪنهن سڪايل روح ۽ مانڌي من لاءِ ڪو گوشو خالي به آهي يا نه. ڪنهن اجايل لاءِ ڪا سُرڪ به آهي يانه؟ ڪنهن صحرا جي اُس جي ساڙيل لاءِ ڪو ڇانورو به آهي يا نه!؟“

”لڳي ٿو ته پرديس ۾ رهي ڳالهيون ڪرڻ الاهي سکي آيا آهيو.“

”توهان جي راءِ کي رد ڪرڻ جي ڪنهن ۾ جرئت هوندي! گهٽ ۾ گهٽ مون ۾ ته ڪانهي.“

”چڱو هاڻي فون بند ٿي ڪيان. سڀاڻي آئين ته روبرو احوال ٿيندا. نيڪ آهي!“

”جيڪا توهان جي مرضي.“

”چڱو الله واهي.“

”چڱو سدائين گڏ.“

هئي. الاجي ڇو پئي محسوس ڪيم ته اجهو فون جي گهنٽي وڄندي ۽ هوءَ فون تي موجود هوندي. ڪتاب منهنجي هٿ ۾ هو پر هاڻ منهنجو سمورو ذهن فون ڏانهن متوجهه ٿي چڪو هو. ڪتاب جا لفظ ٻٽا ٻٽا پئي ڏسڻ ۾ آيا ۽ ڪنهن جملي کي مڪمل ڪري ڪونه پئي سگهيس. جيئن پوءِ تيئن آنڌ مانڌ وڌڻ لڳي هئي. انتظار ۽ اوسيئڙي جا وڇون بدن تي سُرڻ لڳا هئا تيستائين فون جي گهنٽي وڳي.

”هيلو.“ رسيور کڻندي چيم.

”..........“

”هيلو هيلو.“

”................“

”آءٌ شاهد آهيان. توهان کي ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي.“

”................“

”توهان ڪير؟“ پڇيم.

”ساهن جي سڳنڌ مان سڃاڻي نٿا سگهو ڇا؟“

”اوهه ڪُونج توهان . سچ پڇو ته مون کي توهان جي ئي فون جو انتظار هو.“

”پر مون فون ڪرڻ لاءِ توهانکي چيو ته ڪونه هو.“

”برابر. پر خبر ناهي ڇو دل پئي چاهيو ته توهان جو فون اچڻ وارو آهي.“

”مهرباني...... اڃا تائين جاڳو پيا. ڇا پئي ڪيَوَ؟“

”ڪتاب پئي ڏٺم. امرتا پريتم جي ڪهاڻين جو ڪتاب آندو اٿم.“ وارٽيم.

”پڙهي وٺو ته پوءِ مونکي پڙهائجو.“

”ها ها.باقي هڪ ٻه ڪهاڻيون رهيون آهن. سي هاڻي پڙهي ٿو وٺان. سڀاڻي توهان کي ڏيئي ويندس. پرينهن هونئن به مون کي واپس وڃڻو آهي.“

”اڇا! پرينهن توهان جي واپسي آهي.........!“

ٿي آءٌ ايترو بداخلاق آهيان جو توهان سان اهڙو بيهودو مذاق ڪريان يا ڪوڙي همدردي جتايان. مون اڳ ۾ به عرض ڪيو هو ته آءٌ "ڪنهن جي" ياد جي ديويءَ جي پوڄا ڪندي ان جي پيرن ۾ گلاب پنکڙيون پکيڙيندو آهيان. اُها ديوي اوهان ئي آهيو. يقين ڪريو ته آءٌ پنهنجي سمورين سچائين ۽ خلوص سان اِها دعوي ڪري رهيو آهيان. هيستائيين منهنجي ذهن جي ڪينواس تي توهان جي ئي تصوير جا اهڃاڻ ايريل آهن. خدارا ، توهان اهي پنهنجا لفظ واپس وٺو. آءٌ دل جي سمورين سچائين سان توهان کي چاهيان ٿو. منهنجي خلوص کي ٺٺولي نه سمجهو ۽ چاهت کي همدردي نه سمجهو ڪونج!"

"............"

"خاموش ڇو آهيو ڪونج، ڳالهايو."

"توهان... توهان شاهد....... توهان............."

"ها ها، چئو. ڇئو. ڇا ٿيون چوڻ چاهيو؟"

"توهان مون کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. مون ته ڪڏهن اِن پاسي سوچيو به ڪونهي."

"توهان ڀلي اطمينان سان سوچيو. بنان ڪنهن مونجهه ۽ ذهني بوجهه جي. ڏينهن، هفتو مهينو يا سال، توهان پوري دلجمعيءَ سان سوچ ويچار ڪريو. مون کي ڪا تڪڙ ڪانهي. "جي قيام مِڙن، ته به اوڏا سپرين". آءٌ توهان جو صدين تائين اوسيئڙو ڪري سگهان ٿو. عرض رڳو اهو آهي ته منهنجي خلوص ۽ چاهت کي بي مانو نه ڪجو.."

"..........."

"ڪونج!"

"جي."

"آءٌ توهان کان ورندي وٺان يا توهان پاڻ ئي مون کي آگاهه ڪنديون؟"

"توهان وري ڳوٺ ڪڏهن ايندا؟"

سکي هونديئين تہ اسان جي دل پيئي ٺرندي، پر جي تون ڏکي هونديئين تہ اسان جو جيءُ پيو جهُرندو. ٻچن جو اهنج ماٽن لاءِ تہ عذاب ٿيو پوي ٿو نہ. سو منهنجي ٻچڙي، مون کي پنهنجي سهيلي سمجهي، دل جي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏ تہ جيئن اسين وري دنيا کي منهن ڏيئي سگهون، ڇو تہ پڪل ٻير کي هرڪو ڪڙو هڻندو آهي. اسان وٽ اچڻ لاءِ بہ ڪي ڏريون سنيرن پيون. ٻن کي تہ هن کان اڳ ۾ جواب ڏنو اٿئون. رڳو هر ڪنهن کي جواب ڏيڻ بہ سونهي ڪونہ ٿو. سو جيڪڏهن تنهنجي مرضي سامهون هوندي تہ اسان لاءِ جواز ٿي پوندو."

جڏهن ماٽس لمبي چوڙي تقرير ختم ڪئي تڏهين هوءَ اُٿي ۽ ماٽس کي چيائين تہ:

"امان، آءُ توکي ڏهہ پندرنهن ڏينهن ۾ ورندي ڏينديس."

"ٺيڪ آهي پُٽ. ڀلي تون سوچي سمجهي، تڏهن دل سان ڪو فيصلو ڪري ٻڌائج، ۽ ها سوچڻ مهل شاهد جو نالو زير غور آڻج. ڏاڍو سٺو ڇوڪرو آهي. پر اِها منهنجي رڳو راءِ آهي. ان کي فيصلي ڪرڻ مهل اسان طرفان بوجهہ نہ سمجهج." هلندي هلندي ماٽس سندس دل جي ڳالهہ هن جي اڳيان رکي ڇڏي.

***

"اڙي توهان! ائين اوچتو! اسان کي تہ خبر ئي ڪانهي توهان جي اچڻ جي !! اسلام آباد کان ڪڏهن پهتا آهيو؟ ڪو اطلاع ئي ڪونہ ڪيو؟" ڪونج شاهد کي اوچتو سندن گهر ۾ ڏٺو تہ حيران ٿي ويئي ۽ سوالن جي يڪي پٽاڙ شروع ڪري ڇڏيائين.

"بس، هاڻي ئي گهر پهتو آهيان ڪو اڌ ڪلاڪ اڳ ۾. رڳو واش روم مان ٿي هليو آيو آهيان. سوچيو هوم تہ چانهن بہ توهان جي هٿن جي پيئندس."

"موسٽ ويلڪم. اڃهو چانهہ تيار ڪريو ٿي اچان. پر توهان تہ چيو هو تہ واپسيءَ ۾ ڇهہ اٺ مهينا لڳي ويندا. پر اچا تہ توهان کي بہ

ڪا معمولي شيءِ نہ ڪانهي جو ان جي لاءِ فڪرمند يا پريشان نہ ٿجي. توهان جي زندگيءَ سان منهنجي زندگي بہ وابستہ آهي. منهنجي خوشين سان منهنجي ماڻهن جون زندگيون وابستہ آهن. سو توهان اندازو لڳايو تہ ڪيترا سارا ماڻهو توهان جي خوشيءَ ۾ خوش ۽ غم ۾ رنجيده آهن. تنهن ڪري اسان جو توهان جي لاءِ فڪرمند ٿيڻ لازمي امر آهي. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ موت ۾ اسانجي خلوص اسانجي چاهت ۽ اسان جي فڪرمنديءَ جي اهميت توهان جي دل جي اندر ڪيتري جاءِ والاري ٿي. جاءِ والاري بہ ٿي يا نہ قبول ٿيندڙ دعا وانگر نامراد ڪبوترن جيان گنبذن سان پرڙا ٽڪرائي ٽڪرائي پنهنجي ڪنين کي رتو رت ڪري درگاهہ جي در اڳيان بيوس ۽ لاچار ٿي ڪري ٿي پوي. سو ڪونج پليز توهان هر ڳالهہ کي منفي پهلوءَ سان نہ ڏسو. هر ڳالهہ جو مثبت پهلو بہ هجي ٿو."

"ايتري سنجيده گفتگو اڳي بہ ڪندا هئا يا هاڻ ڪرڻ لڳا آهيو؟" ڪونج ڳالهہ کي پوڻن ۾ بدلائڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي.

"توهان اديبن اڳيان اسان بي ادب اهڙي جرئت ڪٿي ٿا ڪري سگهون." شاهد بہ بازاري جملو فٽ ڪيو.

"تہ چئبو تہ اِها ڳالهہ آهي." ڪونج ٿڌو ڊگهو ساهہ کڻي چيو.

"ڇا ماميءَ بہ منهنجي لاءِ توهان کي چيو هو!" شاهد وري مقصد واري ڳالهہ ڪئي.

"ها، هڪڙي پيري ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين پئي تہ شاهد سٺو چوڪرو آهي."

"پوءِ توهان کي ماميءَ جي راءِ ڪيئن لڳي؟"

"رت تہ دانگيءَ ٿي بہ وري پوندو آهي. سو توهان بہ سندس ڀائيٽيا آهيو. ظاهر آهي توهان تہ کيس سٺا ٿي لڳندا."

"توهان جو ڇا خيال آهي تہ ماميءَ جي راءِ صحيح ڪانهي."

"آءٌ ائين ڪٿي ٿي چوان. تنوير عباسيءَ چيو آهي "هر ڪو ماڻهو موتي داڻو. هر ڪا دل هيرن کاڻ." سو توهان کي بہ ڪير ٿو

تيستائين منهنجي دل ۾ توهان جي لاءِ هڪ پر خلوص ۽ سچار دوست جي حيثيت رهندي، عزت ۽ مان رهندو احترام ۽ حجت رهندي، پنهنجائپ ۽ عزازت رهندي، پر جڏهن، خدانخواستہ بيوفائيءَ جا جيوڙا مون تي غالب پئجي ويا ۽ پنهنجي وچن ۽ قسم کي ٽوڙڻ جي مون ڪوشش ڪئي، تڏهن ... تڏهن.... جيڪڏهن توهان تيستائين منهنجو انتظار ڪيو تہ پوءِ پهرياتين آءُ توهان جي در تي سوالي بنجي ايندس.... توهان کان ٿي محبت جي ٻيک پنينديس....... باقي في الحال، في الحال آءُ پنهنجو قسم نٿي ٽوڙڻ چاهيان. شاهد! سچ پڇ تہ منهنجي دل بہ ڏکي پيئي ۽ مون کي افسوس بہ تمام گهڻو پيو ٿئي جو مون توهان جي دل ڏکائي آهي. مون کي اِها خلش ستائيندي رهندي، الاجي ڪيستائين.“ هوءَ وري روئڻ لڳي.

شاهد جي هٿ مان خالي ڪوپ هيٺ فرش تي ڪري چيهون چيهون ٿي رهيو. سندس دل وانگر .. ۽ هُو مڻ مڻ جهڙا ڳرا قدم کڻندو آهستي آهستي ٻاهر وڃڻ لڳو.

ٻاهر گهٽيءَ مان لنگهندڙ گڏهہ گاڏيءَ تي ويٺل هڪڙو شيدي ڇوڪرو پنهنجي ڌن ۾ مست وڏي آواز ۾ نقل ڪري رهيو هو:

عشق دي گلي وچئون ڪوئي ڪوئي لنگهدا،
يہ دل دي نال جان پيي منگهدا.

ٻگهاڙ:
28_ مارچ 2001ع

# چوريءَ جي دل

جاتي چوڪ تي ميڊيڪل اسٽور کوليندي مون کي پندرهون ڏينهن هو. جاتي چوڪ، سجاول، بدين روڊ تي ديوان شگر مل جي پرسان نئين وسندڙ وستي آهي، جنهن ۾ 25_30 دوڪان آهن. هن ننڍڙي شهر ۾ ڪا سرڪاري اسپتال تہ ڪانهي، البت ٽي چار خانگي ننڍڙيون اسپتالون آهن. اُن ڏينهن هڪ گراهڪ کي مٿي جي سور لاءِ پونسٽان گوري، پٺي ڏنم تہ هڪڙو پيرُ مرد گراهڪ دوا جي پرچي کڻي آيو۽ چياڻين:

"سيٺ وڏا! هي گوريون تہ ڏي" پرچي ڪراچيءَ جي ڪنهن دل جي ماهر ڊاڪٽر جي لکيل هئي ۽ ان ۾ دل جي تڪليف جون گوريون لکيل هيون. مون پرچي ڏسي ان پير مرد کي چيو تہ: "ماڻٽا! مون وٽ هنن گورين مان فقط هڪ نمونو ڊسپرين آهن، باقي ٻہ نمونا مون وٽ ڪونهي." ڏاڍي بيباڪ ۽ بي حجاب نموني ۾ چياڻين تہ: "تہ پوءِ تون هتي مال چارڻ آيو آهين ڇا؟ ڊسپرين تہ واڻين جي ريزڪي دڪان تي بہ رکيون آهن." آءُ انهيءَ بيباڪ حجت لاءِ بنهہ تيار ڪونہ هوس. سو رڳو واٽڙن جيان اُن پير مرد جي منهن ۾ نهارڻ لڳس. چيومانس: "ماڻٽا! هي دوائون ڪراچيءَ جي هڪ وڏي ۽ دل جي خاص ڊاڪٽر جون لکيل آهن ۽ توهان کي تہ خبر آهي تہ هتي ڪي بہ خاص ڊاڪٽر ڪونهن. تنهنَ ڪري في الحال تہ اسان اُهي ئي دوائون رکيون آهن، جيڪي هتي هلن ٿيون."

"تہ پوءِ اسين وري ڪيڏانهن وڃون؟" پير مرد ساڳئي رُکي نموني ۾ چيو. مون نئون دوڪان کوليو هو. گراهڪن کي بہ پنهنجو ڪرڻو هو.

۽ آخري دوري مهل تہ هونئن بہ دل کي بيهڻو هو. سو گل محمد جي بيمار دل تہ پنهنجي اصول موجب گهڻي خوشي برداشت ڪري نہ سگهي ۽ بيهي رهي ۽ گل محمد گذاري ويو. پر آءٌ الاجي ڇو فطرت جي انهيءَ واقعي تي گهڻو حيرت زده آهيان. الاجي ڇو منهنجي اندر مان آواز پئي آيو تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها، جيڪڏهن هڪ اسي سالن جي پوڙهي جي آخري خواهش پوري ٿئي ها. (توڙي جو ڪنهن بہ نياڻيءَ ڏانهن ڪچندڙ ميري اک ڪي آءٌ جائز ڪونہ ٿو سمجهان. پر هتي تہ معاملو ئي بيو هو نہ!) ڇا ٿي پوي ها جيڪڏهن موت ڪيس ٿوري مهلت ڏئي ها! ڇا تہ انهيءَ ڇوريءَ جي دل تي وهيو واپريو هوندو جنهن هڪ اسي سالن جي پوڙهي ۾ پنهنجي تسڪين جو ڪو پهلو ڏٺو هو!

◉

تنهن مهل سندس دل ڦاٽيو اڌ ٿيو پوندي هئي. پر هوُ ڊڪون ڏيئي روئڻ بدران پنهنجون اداس اکيون ڦيري ويران واٽن ڏانهن تڪڻ لڳندو هو جتان سندس من جي محبوب جو لاش کڄي ويو هو. هُو پارڪڊي روئندڙ ماين جي شور ۾ بنهه جهيڻي آواز ۾ پڙ پڙ ڪندو هو: "شازي، تون منهنجو ساٿ ڇڏي وئين، پر آءُ 'جهرنا' جو ساٿ ڪونه ڇڏيندس. آءُ ان لاءِ جيئندس. تون موں کان زبان کسي وئين، پر آءُ قلم سان ڳالهائيندس. ڪاغذن کي تنهنجي ياد جو شاهد بنائيندس." پوءِ هُن قلم جي نوڪ کان ڪم ورتو. پنهنجي ايذايل ۽ آزاريل وجود جون پيڙاهون پني تي اتارڻ لڳو ۽ هڪ پيرو وري اُجهاڙ رڻن جي اجهاڳ سفر ۾ تنها تنها هلندو رهيو. زندگيءَ جي ڪاروان کي توڙي تائين پهچائڻ لاءِ.

◉

شهر جا ننڍا وڏا ڊاڪٽر، جتي پاڻ رهندو هو، آزمايا ويا. پر سنڌ جي ننڍين شهرن جا ڊاڪٽر، جيڪي گهر ويٺي ڪاپي ڪلچر جي مهرباني سان ڊاڪٽر ٿيا هُجن، تن کي دل جي درد جي ڪهڙي پروڙ؟ هتي ته وڏا وڏا ونجهه مڙس به سنڌي ماڻهن جي دلين جي درد جو درمان نه ڪري سگهيا آهن. سو جن کي سرنج استعمال ڪرڻ به نٿي اچي، تن کي ڪهڙي خبر ته ڪنهن جي دل جو درد ڇا ٿيندو آهي! هٽي ڏٽي ڪراچيءَ جي جناح اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪندڙ هڪ اديب ڊاڪٽر دوست جي معرفت اسپتال جي ”دل جي وارڊ“ ۾ داخل ٿيو. جتي هڪ هفتو رهڻ بعد ڪيس هڪ اديباڻي صلاح ڏني ويئي ته ”تنهنجي دل جي هڪڙي دري VALVE، تو سان بيوفائي ڪري رهي آهي. اُن دريءَ پاڻ تائين پهچندڙ رت جي رستا روڪ ڪري ڇڏي آهي. ائين جيئن سنڌوءَ تي ڊيم ٺاهي سنڌ ڏانهن پاڻيءَ جي رستا روڪ ڪئي ويئي آهي. هاڻي تنهنجي بهترين مفادن لاءِ بهترين صلاح آهي ته جيڪڏهن تون وڌيڪ جيئڻ چاهين ٿو وڌيڪ زنده رهي سنڌي ماڻهن جا وڌيڪ دک درد ڏسڻ چاهين ٿو ۽ انهن تي وڌيڪ ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکي پنهنجو نالو وڌيڪ روشن ڪرڻ چاهين ٿو ته تون هڪدم هيءُ ملڪ ڇڏي هليو وڃ. وڃي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ پنهنجي دل جي دوا درمل لاءِ ڪا درديلي درخواست ڪر. ٻڌو اٿئون ته ٻين ملڪن جا ماڻهو اڃا ايترا بي حس ۽ بيوس ڪونه ٿيا آهن، جيترا اسان جي ملڪ جا ماڻهو بي حس ۽ بي وس آهن. الله مالڪ آهي، خدا ڪندو ته تنهنجي دل جو درمان ٿي پوندو ۽ تون خوش باش ٿي واپس وري پنهنجن اباڻن پڊن تي ايندين، (تيستائين جي ڪراچيءَ وارن اباڻن پڊن تي قبضو ڪري ورتو ته پوءِ ڪٿني پاڳ!) ۽ وڌيڪ نئين جوش ۽ جذبي سان پنهنجن جا اباڻا درد ۽ پراين طرفان ملندڙ تحفي طور درد وڌيڪ شدت سان محسوس ڪندين ۽ پنهنجا ڪالم ۽ ڪهاڻيون وڌيڪ درديلي انداز سان لکندين. انهن ڪالمن ۽ ڪهاڻين جي شهرت ٿي سگهي ٿو ته توکي نوبل انعام لاءِ نامزد ڪرڻ تائين مٿي اُياري اچي. اسان جون نيڪ خواهشون تو سان گڏ آهن.“

پوءِ پاڻ سڏائيندڙ ايشيا کنڊ جي وڏي ۾ وڏي ادبي سنگت، (پنهنجا

- پاڻ ۾ آهيون، ڪٿي سچي ڪريون تہ اُن ۾ بوگس شاخون گهڻيون آهن؟)
هڪ N.G.O (غير سرڪاري اداري) ۽ هڪڙي برادريءَ جي هڪ فلاحي اداري جي گڏيل سهڪار سان احمد صديق جي برطانيہ جي وڏي بلڪ دنيا جي وڏي ۾ وڏي شهر لنڊن جي هڪڙي اسپتال ۾ داخلا ٿي ويئي.

احمد صديق پي. آءِ. اي جي هڪ اڏام ذريعي لنڊن وڃي رهيو هو. ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي سندس گهر وارا، ويجها مٽ مائٽ، (سنڌي اديب جو ويجهو مائٽ ٿيڻ لاءِ ڪير تيار ٿي ڪٿي هوندو آهي!) ۽ دل گهريا يار دوست، جيڪي ڳُل ست اٺ ڄڻا مس هئا، کيس روانو ڪرڻ آيا هئا. جنهن کي انگريزيءَ ۾ See Off چئبو آهي. هونئن تہ احمد صديق سان گڏ لنڊن وڃڻ لاءِ تيار تہ گهڻا يار ٿيا هئا تہ جيئن پراين پئسن تي ولايت جون ميمون ڏسي ڪي مزا ماڻجن، پر فنڊن جي محدود هجڻ ڪري ڪير بہ وڃي ڪونہ پئي سگهيو. تنهنڪري اُهي يار موڪلائڻ لاءِ ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي بہ پهچي ڪونہ سگهيا هئا. سو احمد صديق کي پنهنجو درد پاڻ ئي پوڄڻو هو ۽ پنهنجو رهنما (گائيڊ) بہ پاڻ ٿيڻو هو. هونئن تہ لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي ڪن اديب دوستن يارن احمد صديق کي رِسيو ڪرڻ ۽ اسپتال پهچائڻ ۽ تيمارداري ڪرڻ جي ذميواري بہ پاڻ قبولي هئي. تنهنڪري ڪنهن پريشانيءَ جي ڳالهہ جا امڪان تمام گهٽ هئا.

احمد صديق پنهنجي مختصر سامان، سندس بيماريءَ متعلق ميڊيڪل رپورٽن، اسپتال جي سرٽيفڪيٽن ۽ گهربل ڪاغذن جي فائيل سميت هوائي اڏي تي پهتو هو. هُو اتي پهتل سڀني يارن دوستن ۽ گهر وارن سان تمام خوش دليءَ سان مُرڪي، کِلي ۽ ٺهڪ ڏيئي ڳالهائي رهيو هو. جن ۾ جناح اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪندڙ اديب ڊاڪٽر دوست، سندس بنهہ ويجها دوست شمس ضياءُ، ڪاشف سنڌي ۽ ساحر پرويز بہ هئا. سندس خوبصورت زال نمائي، 15 ورهين جو پٽ سوڍو ۽ 12 سالن جي نياڻي نيرڳي بہ موجود هئي. ايئرپورٽ جي فارملٽيز کان فارغ ٿي هُو جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ روانو ٿيڻ کان اڳ ۾ سڀني يارن دوستن سان ڀاڪر پائي، ڳلي ملي پئي مليو ڪاشف سنڌيءَ سميت سڀني دوستن کي ڪنڌ تي الوداعي

آهيون. سو ٽيو نـ وقت جو زيان." احمد صديق جي لهجي ۾ اڻ لکي تلخي ساه کڻڻ لڳي هئي.

"تعجب آهي! بهرحال، ڇا لکندا آهيو؟" زويا ٻيو سوال پڇيو.

"مختصر ڪهاڻيون، ڪالم ۽ مضمون لکندو آهيان."

"ايڪسيلنٽ، مان پڻ ليکڪا آهيان ۽ منهنجو مکيہ سبجيڪٽ بہ مختصر ڪهاڻي آهي." زويا ڇهڪندي چيو.

"پوءِ اسان جي ڪچهري واهہ جي ڄمندي. اسان هڪ ٻئي کي بهتر نموني ۾ سمجهي سگهنداسين." احمد صديق پڻ خوش ٿيندي چيو.

جهاز اُڏامڻ جون تياريون شروع ڪيون. ٽي. ويءَ تي هڪ خوبصورت ايئر هوسٽيس مسافرن کي سفري بيلٽ ٻڌڻ جو طريقو سمجهائڻ سميت هنگامي حالتن دوران ٻيون ضروري هدايتون، جهاز اڏامڻ جو وقت ۽ پهرين منزل بابت ڄاڻ ڏيئي اسڪرين تان غائب ٿي ويئي. جهاز رن وي تي ڊوڙڻ شروع ڪيو ۽ هڪ ڊگهو چڪرڪاٽي ڌرتيءَ تان پير مٿي کڻڻ لڳو. ڪراچيءَ شهر جي ڪجهہ حصي مٿان هڪ اڌ چڪر ڪاٽي ڪٽي هڪ پاسي مُنهن ڪيائين. هاڻ هنن کي جهاز جو مخصوص آواز ٿي ٻڌڻ ۾ آيو پئي ۽ باقي تجسس ڀري خاموشي ڇانيل هئي. ٽي . ويءَ تي ٻيهر ايئر هوسٽيس ظاهر ٿي ۽ پٽا کولي آرام سان ويهڻ جو چئي هلي ويئي.

ڪجهہ دير بعد هڪڙي انتهائي خوبصورت ايئر هوسٽيس چانهہ سرو ڪرڻ لڳي. جيڏي مهل هوءَ هُنن جي سيٽ وٽ پهتي، تڏهن 'رات جي راڻيءَ' جهڙي ڀيني ڀيني سرهاڻ هنن جي آس پاس واسجي ويئي. احمد صديق نڪ وسيلي وڏا وڏا ۽ گهرا ساهہ کڻي اُها سموري سرهاڻ پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ سموئڻ چاهي. جڏهن هوءَ هلي ويئي، تڏهن زويا سونا احمد صديق جي مُنهن ۾ ڪن پل لاءِ گهُوري نهاريو ۽ پوءِ مشڪندي پڇيائين: "And what about this young girl هِن نوخيز ڪليءَ جي باري ۾ ڪهڙو خيال اٿوَ؟"

جهڙوڪر هُن احمد صديق جي دل جو چور پڪڙي ورتو هجي. ڳالهہ هيءَ هئي جو احمد صديق کي بہ هر ماڻهوءَ وانگر خوبصورت عورتن سميت

چپن تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

هڪ ڀيرو وري هنن جي گفتگو ۾ ساهي اچي ويئي. احمد صديق پنهنجي سيٽ ايزي ڪئي ۽ ٿورو آهلي پيو. هوءَ دريءَ جي پاسي ويٺل هئي. دريءَ تي لڳل شفاف شيشي مان آسمان جي بيڪران وسعتن ۾ پئي گهوريائين. جتي سواءِ نيراڻ مائل رنگ جي موجودگيءَ جي (جنهن ڪري آسمان ڇيو وڃي ٿو) ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. جهاز هاڻ ايتري اوچائيءَ تي اڏامي رهيو هو جو سيٽ تي ويٺي ڌرتي ۽ ان تي موجود وڻ، جبل وغيره ڪابه شيءِ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي آئي. جهاز جو رڳو زوزاٽ ڇهڙو مخصوص آواز ڪنن ۾ گونجي رهيو هو.

هوءَ مسلسل دريءَ مان ٻاهر تڪيندي رهي. خبر ناهي ڪهڙي ٻڌچوڙ ۾ هئي. احمد صديق ڪيس ڊسٽرب ڪرڻ نٿي چاهيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هُن هڪ ڊگهو ۽ گهرو ساهه کنيو ۽ اُن ڪهري ڪنيل ساهه ذريعي سندس اندر ۾ اوتيل هوا هاڻ آهستي آهستي سندس نڪ جي ناسن مان خارج ٿي رهي هئي. هُن هڪ ڀيرو وري احمد صديق ڏانهن نهاريو ۽ گڏوگڏ خوشگوار مُرڪ سندس سندر سندر چهري تي ڪنهن ناچڻيءَ وانگر رقص ڪرڻ لڳي. هِن پڻ ڏانهنس نهاريو. هنن جون مُرڪون پاڻ ۾ وچڙڻ لڳيون.

”توهان ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيو آهي؟“ پنهنجي گهربل موضوع تي اچڻ لاءِ احمد صديق ڪانئس سوال ڪيو.

”تقريباً ڏهن سالن کان لکان پئي.“ زوبيا پنهنجو موڊ خوشگوار ڪندي چيو.

”توهان لکڻ لاءِ شارٽ اسٽوريءَ جي سليڪشن ڇو ڪئي؟“ احمد صديق ٻيهر پڇيو.

”ان لاءِ جو مون چاهيو پئي ته جيڪا شيءِ آءٌ پبلڪ کي ٻڌائڻ چاهيان ٿي، اُها ڳالهه هُوبهو. پر اُن کي ٿورو دلچسپ بنائي اهڙي مختصر انداز ۾ پيش ڪريان جو پڙهندڙ جو نه گهڻو وقت زيان ٿئي، نه پڙهندڙ غير دلچسپيءَ جي ڪري بيزار ٿئي ۽ منهنجي دل جي منشا به پڙهندڙن تائين پهچي سگهي. بس اُن ڪري مون مختصر ڪهاڻيءَ کي پنهنجي اظهار جو بهترين ذريعو ڄاتو آهي...“

هلڪي مسڪراهٽ مرڪندي زويا ٻڌائڻ شروع ڪيو.

"ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ ڪان ڀُل به ٿي ويندي آهي. هڪڙي ڀُل مون ڪان به ٿي ويئي هئي. مون ئي رانگ سليڪشن ڪئي هئي. اسانجي ترقي يافته سوسائٽيءَ جو اِهو ئي الميو آهي ته اسان زندگيءَ جي ساٿي چونڊڻ مهل پنهنجي مائٽن جي مداخلت کي خارج ڪري ڇڏيو آهي. تنهنڪري اڪثر ڪري جوان جذبن جي تيز وهڪري ۾ لڙهي اسين غلط چونڊ ڪري ويهندا آهيون ۽ پوءِ اُن جو لازمي نتيجو عليحدگيءَ تي ئي وڃي نڪرندو آهي. مون ڪان به اهڙي غلطي ٿي ويئي ۽ مون کي پنهنجي ڪئي جي سزا ڀوڳڻي پئي آهي. پر خير، اسان وٽ اِها ايتري معيوب ڳالهه ڪانه ٿي ليکجي. ڇو ته علحدگي اسانجي معاشري ۾ عام رواجي ڳالهه ٿي ويئي آهي. هاڻي آءٌ ٻن سالن ڪان اڪيلي رهندي آهيان پنهنجي ذاتي فليٽ ۾. بلڪل تنها."

"توهان کي تنهائي تڙپائيندي ته هوندي!" احمد صديق زويا جي اکين ۾ گهوريندي پڇيو.

"تنهائيءَ جو هڪڙو پنهنجو لطف هوندو آهي. جيڪو ماڻهو اُن لطف مان لطف اندوز ٿيڻ چاهيو ٿو ونئي، تنهن لاءِ تنهائي تنهائي نٿي رهي. مون سان به ڪجهه ايئن آهي. آءٌ تنهائيءَ کي خوب اينجواءِ ڪنديِ آهيان." زويا مشڪندي چيو.

"واهه، ڇا سمجهوتي جو جواز اهي." احمد صديق چوٽ ڪئي.

"ها، سمجهوتي ڪرڻ ڪانسواءِ هن معاشري ۾ رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سمجهوتو حالتن سان به ڪبو آهي. ماڻهن سان به ڪبو آهي ۽ پنهنجو پاڻ سان به ڪبو آهي. مون جڏهن ماڻهن سان ڪيل سمجهوتي ۾ دوکو کاڌو تڏهن وري پنهنجو پاڻ سان سمجهوتو ڪيو اٿم. هاڻ آءٌ ڪي قدر مطمئن زندگي گذاريان پئي."

"What about your parents". تنهنجي والدين جو ڪهڙو حال آهي؟" احمد صديق پڇيو.

My mother was very loving mother and she is no

more with us. Allas. My father lives with his next wife in the western and of the city.....

منهنجي ماءُ جيڪا هاڻي زنده ناهي، ڏاڍي پيار ڪندڙ ماءُ هئي. خدا شال مٿس مهربان ٿئي. بابا پنهنجي ٻي زال سان گڏ شهر جي الهندئين چيڙي تي رهندو آهي.. هڪ ڀاءُ اٿم. جيڪو پنهنجي ٿاڻو پرٽيل ڪنوار سان ٽيڪساس ۾ رهي ٿو ۽ مون ڪان ننڍي ڀيڻ پڻ پنهنجي ور سان گڏ رهي ٿي. تازو ئي ڪين هڪڙو ننڍڙو ڄائو آهي."

"تمام سٺو. ڀلاتوهان جو والد توهان ڏانهن ايندو آهي؟ ڪا سار سنڀال لهندو آهي؟"

"ڪڏهن ڪڏهن. ڪن خاص موقعن تي. پنهنجي طرفان يا دوستن طرفان ارينج ڪيل تقريبن ۾ مهمانن وانگر گڏبا آهيون ۽ هيلو هاءِ ڪان اڳتي ڳالهه ٻولهه ڪانه وڌندي آهي."

"تعجب آهي! اسان وٽ سنڌي معاشري ۾ گڏيل ڪٽنب Joint Family جو رواج آهي. تنهن ڪري گهڻو ڪري مائٽن جي مرضيءَ سان ئي سڱاوتي ٿيندي آهي. گڏجي سڏجي رهندا آهيون ۽ هڪ ٻئي تي ساهه ڇڏيندا آهيون. پر ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن ڪو پسند جي شادي ڪري ٿو يا ڪا ڇوڪري پنهنجي مرضي مڃائڻ چاهيندي آهي، تڏهن اسين هڪ ٻئي جي رت جا پياسا ٿي پوندا آهيون. اڪثر ڪري ڇوڪريءَ کي ڪاري ڪري ماريو ويندو آهي. ۽ گهڻو ڪري ڇوڪري کي عاق ڪيو ويندو آهي. هاڻي تازو تہ ميڊيا ۽ ٻاهرين ٽيڪ تي گذارو ڪندڙ غير سرڪاري ادارا NGOS "پريمي جوڙن" کي اِشو بنائي، ڪنهن مسئلي جي صحيح حل جي غلط تشريح ڪري، مائٽن جون پڳڙيون ڊوڙ ۾ ملائڻ جي ڪوشش ۾ پيش پيش نظر اچي رهيا آهن. پر پوءِ بہ پريمي شادين جا اچا ڪي مثبت نتيجا ڪونہ نڪتا آهن. رهندو ئي دشمنين ۽ قبائلي جهيڙن کي هٿي پيئي ملي. مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ "پريمي جوڙو" قبائلي جهيڙي جو بنياد پيو بنجي ۽ اهڙي ريت هڪ جوڙي جي عارضي مرضيءَ ۽ خوشيءَ خاطر ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿيڻ جا چٽا امڪان پيا ظاهر ٿين."

جان آزاد ڪرايو.“

”هاڻي تہ توهان ڪي ڳالھہ سمجھہ ۾ اچي ويئي هوندي تہ ادب ۾ سياست چو تي ملوث ٿئي. جڏهن اديبُ عملي طرح بہ جاڪوڙ ڪري ٿو ۽ پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا بہ لکي ٿو تہ خودبخود اهو ادب سياسي مامرن کان آجو رهي نٿو سگهي. اهڙي ئي ادب جي اسان کي ضرورت آهي. هونئن بہ منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ شيءِ اها لکجي جيڪا اڄ، سياڻي ۽ جڏهن ڪڏهن بہ پنهنجي ڌرتي جي ماڻهن، ملڪ جي ماڻهن ۽ دنيا جي ماڻهن لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ لاڀائتي هجي.“جيڪا شيءِ ماڻهن لاءِ لاڀائتي ثابت نٿي ٿئي، ان شيءِ تي مٿو ماري ڇو ڪجي؟ پڙهندڙن جو وقت ۽ پئسو زيان ڇو ڪجي؟ رڳو ڪاغذن جا ڍير ڪارا ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي تي رهي؟“ احمد صديق پنهنجي موقف جي وضاحت ڪئي.

”Correct بلڪل صحيح . آءٌ توهان جي راءِ سان سهمت آهيان.“

زويا مسڪرائيندي چيو.

سندن بحث ۾ ارڌ اعلانيل وقفو اچي ويو. خاموشي هنن جون اهلون ڪيڏڻ لڳي. زويا اوباسي ڏيڻ لاءِ پنهنجو ننيڙو ۽ ملوڪڙو وات کوليو. پر ساڄي هٿ جي پُٺ پنهنجي ڪليل وات جي، آڏو آڻي سندس موتين جهڙن ڏندن جي قطار کي لڪائي ڇڏيائين. سندس نيرين اکين ۾ گلابي ڏورا ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ مٿن خمار ڇانئجڻ لڳو. سندس ننڊ ڪرڻ جو موڊ ڏسي احمد صديق پنهنجي مُنهن مسڪرايو ۽ پاڻ بہ پاڻ کي ايزي ڪرڻ چاهيو. زويا هُن جي مسڪراهٽ ڏسي ورتي. سو هُن کان پڇڻ کانسواءِ رهي نہ سگهي: ”ڇا ڳالھہ آهي، پنهنجي منهن پيا مسڪرايو؟“

”توهان جون ننڊ اکڙيون خماريل ڏسي سوچيم پئي تہ ننڊ بہ ڪيڏي نہ ظالم شيءِ آهي. موقعي ۽ مهل جي اهميت کان قطع نظر اٿين اوچتو اچيو وڃي ڪري ۽ جي نہ اچڻ چاهي تہ پلي راتيون گذري وڃن پر ڀيو مڙيئي ٿيو خير...“

”اوهہ تہ اِها ڳالھہ آهي. دراصل مون کي رات ننڊ ڪرڻ جو ڪو گهڻو موقعو ملي ڪونہ سگهيو هو. مون وٽ اديبن جي اڄ وچ لڳي پئي هئي.

سٽيل بس ۾ چڙهندا آهيون. سيٽن تي جاءِ نہ هجڻ جي باوجود بہ سُري هڪ پئي ڪي پيا جايون ڏيندا آهيون. ۽ چوندا پيا آهيون تہ: "جي دل ۾ سوڙهہ ناهي تہ جايون ڪوڙ" پرهن پيري احمد صديق محسوس پئي ڪيو تہ جهڙوڪر سنڌسُ بيمار دل ۾ سوڙهہ پئي محسوس ٿي. پر تنهن هوندي بہ زويا سونا جون دل ۾ جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ هٿوراٽيون. هٹڻ ۽ مسلسل دل جي دروازي تي دستڪ ڏيندو رهڻ ڪي شدت سان محسوس ڪرڻ لڳو هو. لڳو پئي تہ زويا سونا ڪنهن بہ حيلي خالي هٿين وڃڻ وارن مان ناهي. لڳو پئي تہ جيڪڏهن هُن ڪي دل جي گهر اندر ڪا پيٽي نہ بہ ملي تہ بہ هوءَ دل جي در جي چانئٺ تي ئي پنهنجو ديرو ڄمائڻ جو پڪو ارادو ڪري ويٺي آهي.
اهو سڀ ڪجهہ ائين واقعي هو يا رڳو احمد صديق جي ئي سوچ جو اندازو هو سو تہ چئي نٿو سگهجي. پر بهرحال جيڪو ڪجهہ هو سو اِهو تہ زويا سُونا جو خيال ۽ سندس بيمار دل جو خيال جيڏي مهل پاڻ ۾ وچڙيا ٿي تہ احمد صديق جي چپن تي هڪ شرارتي مرڪ ڦهلجي ٿي ويئي. جيڪا دل پاڻ بيمار هجي، سا پئي ڪنهن جي دل جو در مان ڪيئن ٿي ٿي سگهي. پر بهرحال، جيڪو ڪجهہ هو سو سردست تہ ڏاڍو سٺو پئي لڳو. ڏاڍو خوش ڪندڙ ۽ ڏاڍو سڪون بخش هو.

احمد صديق کي اسپتال ۾ داخلا ملي. نعيم شاهاڻي، ڪمال درويش ۽ محبت ساگر اسپتال ۾ سندس سار سنڀال لاءِ مقرر هئا. هي ٽيئي دوست، جن سان سندس واقفيت بہ هتي اچي ٿي هئي، هن تان قربان قربان پئي ٿيا. سندن سار سنڀال، دلجوئي ۽ قربائتي لهجي احمد صديق جو دوستيءَ ۾ پڪو ويساه پيدا ڪيو هو. هُو سندن ٿورا ڪڏهن بہ لاهي نٿي سگهيو. هن جو علاج شروع ٿيو. مختلف ٽيسٽون ۽ ٽريٽمينٽ شروع ٿي. آپريشن جو ڏينهن مقرر ٿيو. اِن وچ ۾ زويا سُونا روزانو موبائيل ذريعي حالي احوالي ٿيندي رهندي هئي. آپريشن واري ڏينهن هوءَ سوير ئي اسپتال پهچي وئي هئي. جهاز واري زويا ۽ اجوڪي زويا ۾ الاهي فرق هو. جهاز ۾ ويٺل زويا اوچاڳي جي ڪري شايد ٿڪل ٿڪل ۽ اُباٽڪي پئي لڳي. پر تڏهن بہ هُن احمد صديق کي ايترو تہ متاثر ڪيو هو جو هُن سندس حسن کي دل ئي دل

۾ سجدو ڪيو هو. پر اج واري زويا اڳوڻي زويا کان ڪيئن پيرا وڌيڪ حسين، وڌيڪ تازي توانائي ۽ وڌيڪ دلربا لڳي رهي هئي. ڪيس ڏسي هُن جي بيمار دل معمول کان وڌيڪ تيزيءَ سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو هو. هُن ڊؤ ڪري ڪيس ڏسڻ چاهيو ٿي. چو تہ هُن چاتو ٿي تہ سندس دل جو باءِ پاس ٽيٽو آهي. دل جا معاملا پنهنجي هٿ وس ٿورئي هوندا آهن! ڪهڙي خبر تہ دل پڙ ڪڏي بيهي رهي. جي ايئن ٿيو تہ پوءِ تہ وري زويا کي ڏسي ڪون سگهبو. تنهنڪري هُن الاهي الاهي ڊؤ ڪري ڪيس ڏسڻ پئي چاهيو تہ جيئن ڪا حسرت رهجي نہ وڃي. زويا هُن سان ڏاڍي پيار ۽ قرب سان پئي ڳالهايو ۽ دلجوئي پئي ڪيائين. آٿت پئي ڏنائين تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو. چيائين پئي تہ پاڻ هُن لاءِ مقرر ڊاڪٽرن جي ٽيم سان ميٽنگ ڪئي اٿس ۽ هنن سمورن جي هڪڙي راءِ آهي تہ هي ڪيس ڪو خاص نوعيت جو ڪونهي جنهن لاءِ فڪرمند ٿجي. هي عام رواجي هڪ ڪيس آهي جنهن جي ڪاميابيءَ جو سئو سيڪڙو امڪان موجود آهن. هوءَ ڏاڍي خوش پئي لڳي. چيائين پئي تہ اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ بعد توهان منهنجا مهمان هوندؤ. هُن ڳالهايو پئي ۽ احمد صديق رڳو ٽڪ ٻڌي سندس حسين ۽ بيحد حسين سراپا کي ٽڪيندو ٿي پئي رهيو. زويا ڳالهايو بہ پئي تہ ڪنهن ڪنهن ٽاڻي هُن جي ٽِڪَ ٻڌي نهاريندڙ اکين سان اکيون بہ ملايائين ٿي. نيٺ هڪ موقعي تي دلنواز مسڪراهٽ مُرڪندي چئي ڏنائين:

"ايڏو شدت سان مون ڏانهن نہ تڪيو. توهان جي اکين جو تاب آءٌ برداشت نٿي ڪري سگهان."

"ڪهڙي خبر تہ منهنجي اجايل اکين لاءِ اهو آخري ديدار هجي. تنهن ڪري مون کي دل کولي ڏسڻ ڏي"

"مايوس نہ ٿيو. خطري جي ڪابہ گنجائش ڪانهي. اميد تہ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويندؤ." زويا دلاسو ڏنو.

"توهان جي مهرباني. انهيءَ اميدجي آسري تي تہ ڪٿان ڪان پنڌ پيو آهيان."

***

احمد صديق جو آپريشن ڪامياب ٿيو. جڏهن ساڻس ملاقات ڪرڻ جي اجازت ملي، تڏهن سيني ڪان پهريائين زويا سونا سندس سامهون آئي. زويا جي سدابهار چهري تي ديد پوندي ئي احمد صديق جي چهري تي رونق اچي ويئي. سندس آپريشن جي پيڙاهه جي شدت زائل ٿيڻ لڳي ۽ هُن مُرڪي زويا جي آجيان ڪئي زويا کيس صحت جي مبارڪ باد پيش ڪئي ۽ تازو خوشبودار گلن جو گلدستو کيس پيش ڪيائين.

پوءِ جڏهن احمد صديق صحت ياب ٿيو ۽ کيس اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو، تڏهن به زويا وٽس موجود هئي. زويا احمد صديق جي اتي موجود سيني دوستن کي قائل ڪري هڪ رات لاءِ هن کي پاڻ سان وٺي وڃڻ جي اجازت ورتي ۽ هن کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري پاڻ سان گڏ وٺي ويئي. سندس فليٽ هر طرح سان آرامده هو ۽ هُن احمد صديق کي آرام سان رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش پئي ورتي. ائين پئي لڳو ته سندس خدمت ڪري کيس دلي سڪون ۽ روحاني خوشي پئي حاصل ٿي. احمد صديق کيس چيو: ”توهان منهنجي آرام لاءِ ايترو گهڻو بندوبست نه ڪريو ۽ نه ئي دلگير ٿيو. آءٌ ٺيڪ ٺاڪ آهيان. هتي موجود سهوليتون منهنجي آرام لاءِ تمام گهڻيون آهن. وڌيڪ ڪجهه به نه ڪريو. توهان ته مرڳو مونکي قرضي پيون ڪريو. آءٌ غريب جو ٻار.. توهان جا اِهي ٿورا ڪٿي لاهي سگهندس.“

”آئون توهان تي ڪوبه ٿورو ڪونه پيئي ڪريان. اِها منهنجي خوشي آهي ته آءٌ توهان جي خدمت ڪريان. هي ٿورو گهڻو آءٌ پنهنجي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ پيئي ڪريان. مون کي سڪون ٿو ملي توهان جي سروس ڪندي، مون کي راحت ٿي ملي توهان جي ٽهل ٽِڪور ڪندي، سو مهرباني ڪري اعتراض نه ڪريو. مون کان منهنجي خوشي نه ڇنو. مون کي اجازت ڏي ته آءٌ تنهنجي پوڄا ڪريان. تنهنجي پرستش ڪريان.“ زويا وهلور ويندي چيو.

”پلا پاڳ منهنجا، عزت افزائي لاءِ مهرباني. پر مون کي ايترو مٿي تي نه چاڙهه جو آءٌ بنهه پنهنجي ڪپڙن ۾ ئي نه ماپان.“ احمد صديق نٽڙت مان چيو.

"ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجي قدر و قيمت جي خبر ڪانه پوندي آهي. توهان ڇا آهيو؟شايد توهان کي ڪنهن ان متعلق ٻڌايو ئي ڪونهي. توهان منهنجي لاءِ ڇا آهيو؟ مون وٽ لفظ ئي ڪونهن جو انهن سان آءٌ توهان جي حيثيت بيان ڪري سگهان. ڪاش جي توهان اِهو سمجهي سگهو اي ڪاش!" زويا انتهائي عقيدت مان چيو. احمد صديق مرڪي ڏانهس نهاريو ۽ نهاريندو ئي رهيو. احمد صديق کي آرام جي ڪيتري ضرورت هئي، اِها خبر هوندي بہ زويا ساڻس جهجهي ڪان جهجهيون ڳالهيون ڪرڻ ٿي چاهيون. هن کي خبر هئي تہ احمد صديق وٽس صرف هڪ رات لاءِ آهي. ٻئي ڏينهن تي ڪيس دوست وٺي ويندا ۽ ڪجهہ ئي ڏينهن بعد هو واپس وطن روانو ٿي ويندو. تنهن ڪري زويا سونا چاهيو ٿي تہ هوءَ ساڻس جيترين بہ دل واريون ڪري سگهي، ڪري وٺي. احمد صديق آپريشن ڪان پوءِ هاڻ بلڪل تندرست هو. باقي ڪمزوري آهستي آهستي ختم ٿي رهي هئي. هڪ موقعي تي زويا سوپ جو پيالو ۽ چمچو کڻي اچي بيڊ تي احمد صديق جي پرسان ويٺي ۽ ڏاڍي قرباڻتي لهجي ۾ چيائين: "اڄ آءٌ پنهنجي هٿن سان ٺاهيل سوپ پاڻ پنهنجي هٿن سان توهان کي ڪارائيندس." ۽ ايئن چئي چمچو ڀري احمد صديق جي وات تائين آنڌائين.

"هي توهان ڇا پيون ڪريو؟" احمد صديق چرڪندي چيو.

"آءٌ ڪانہ پيئي ڪريان. هي سڀ ڪجهہ مون کان منهنجي دل پيئي ڪرائي." زويا مرڪندڙ اکين سان کيس گهوري چيو.

"پر توهان کي تہ خبر آهي تہ آءٌ هتي صرف هڪ رات لاءِ آهيان ۽ ڪجهہ ئي ڏينهن بعد واپس وطن هليو ويندس. پوءِ توهان هي سڀ ڪجهہ...!؟"

"مون کي سڀ خبر آهي. سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿي" هُن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪاٽيندي چيائين "پر تنهن هوندي بہ توهانجي ويجهو ايترو ڇو پئي اچان. ان جو مون وٽ ڪو بہ جواب ڪونهي. ڪو بہ جواز ڪونهي. ڪا بہ ڄاڻ ڪانهي. الائجي ايئن ڇو پيو ٿئي؟"

ويا ها. هو ٻئي هڪبئي جي اکين ۾ ڪجهه ڳولي رهيا هئا. تلاش ....
ڳولا...! خبر ناهي ڪنهن کي ڳولي رهيا هئا. سندن تلاش نا مڪمل ٿي
رهجي ويئي. ڪاناري خوبصورت آواز ۾ احمد صديق جي اڏام جو اعلان
ڪري رهي هئي. پر ڳهريون نيريون ۽ ڳهريون ڪاريون اکيون پاڻ ۾
الجهيون پيون هيون. نيٺ جڏهن هنن جي اکڙين جون منڇر ۽ ڪينجهر
پلٽڻ لڳيون ۽ اشڪن جو سانوڻ اوهيرا ڪري ٿر جي واريءَ مٿان وسڻ لڳو
تڏهن زويا سونا پنهنجي هٿ ۾ جهليل هئڪ هينڊ بيگ احمد صديق ڏانهن
وڌائيندي چيو:

”هِن ۾ نماڻيءَ ، سوڍي ۽ نيرڳيءَ جي لاءِ ڪجهه جوڙا ۽ ٻيا تحفا
آهن. نماڻيءَ کي مون پنهنجو مون وٽ موجود سڀ کان بهترين سوٽ تحفي
طور آڇيو آهي. جنهن مهل نماڻي هي سُوٽ پائي، اوڏي مهل کيس پنهنجي
سامهون بيهاري سندس اکين ۾ منهنجي تلاش ضرور ڪجانءِ. آءُ توهان
کي اتي موجود نظر ايندس.... آءُ توهان کي اتي موجود نظر ايندس....!“
زويا جا چپ ڏڪڻ لڳا ۽ هُن ماکيءَ کان به مٺڙي مُرڪ پنهنجي سندر مک
تي ڦهلائي ڇڏي هئي. پر ڏسڻ وارن ڏٺو هو ته اُن مٺڙي مُرڪ پٺيان پيڙاهن
جا ڪيڏا پهاڙ هئا ۽ دردن جا ٻاٻرا دوڳ دڳي رهيا هئا.

20_ نومبر 2006ع

”پوءِ بہ اسان کي سندن رضامنديءَ تائين ڪوشش ڪندو رهڻ گهرجي.“ نسرين فيصلو ڏيندي چيو. پوءِ هنن ٻنهي گڏجي تصوير ڪڍرائي.

چون ٿا تہ عشق ۽ مشڪ يا خون ۽ ڪٿوري لڪڻ جا نہ آهن. (هاڻ تہ خون لڪيو وڃن پتوئي ڪونہ ٿو پوي) سو بهرحال، سرور ۽ نسرين جي حيدرآباد واري ملاقات جي ڪڙڪ سندن مائٽن کي پهچي ويئي. سرور جيستائين هٿ پير هڻي ڪو ٿياڪڙ ڳولي ڏرين کي پاڻ ۾ ڳالهائڻ لاءِ چوي، تيستائين هڪ نئون طوفان ڪڙو ٿي ويو. سرور جون سموريون ڪوششون اڌوريون رهجي ويون. معاملو نهڻ بدران مرڳو وڌيڪ خراب ٿي ويو. مٿان وري اهو بہ شو شو ڇڏيو ويو تہ سرور ٻئي پاسي شاديءَ لاءِ ڪوشش پيو ڪري. تنهنڪري نسرين سرور کان بدظن ٿي ويئي.

پوءِ نسرين جي شادي منور سان ٿي ويئي. ڪين هڪ ٻار بہ ٿيو. وقت گذرندو رهيو. منور ۽ نسرين ڳوٺان شفٽ ٿي حيدرآباد جي ٽنڊو ولي محمد واري علائقي اچي رهڻ لڳا هئا. سرور دل جون حسرتون دل ۾ سانڍي ٻئي هليو. وقت گذرڻ سان گڏ سموريون حقيقتون ڇنڊجي ڇاڻجي اچيون ٿي اچي پڌري پٽ پيون. ٻنهي خاندانن ۽ لاڳاپيل ماڻهن کي اها خبر پئجي چڪي هئي تہ سرور خلاف ڀنڊي پاڙڻ وارو ڪم سمورو منور ڪيو هو. اهي خبرون جڏهن نسرين تائين پهتيون، تڏهن هُن منور کان جواب طلبي ڪئي. جنهن تان منور ڪاوڙجي نسرين کي حيدراباد ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو. ائين ست اٺ سال گذري ويا.

سرور جي بي. ايڊ لاءِ سليڪشن ٿي ۽ هُو ان سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ اچي رهيو. گاڏي کاتو واري ايريا ۾ مسواڙ تي جاءِ وٺي رهڻ لڳو. صبح جو ڪلاس اٽينڊ ڪندو هوءِ شام جو ڪجهہ ٽيوشنون هٿ ڪيون هئائين، تن کي پڙهائيندو هو. آچر جو سڄو ڏينهن واندو هوندو هو. پوءِ يا تہ ڳوٺ ويندو هو يا تہ آرام ڪندو هو. هڪ ڏينهن هُو جڏهن ڪلاس مان فارغ ٿي واپس پئي آيو تہ هُن اوچتو نسرين کي هڪ ننڍي ڇوڪري سان گڏ رڪشا ۾ ويندي ڏسي ورتو. کيس خيال آيو تہ ڇونہ نسرين سان ملجي. پر ڇو

ملجي؟ ملڻ جو جواز ڪهڙو؟ملڻ مان فائدو ڪهڙو؟ پر ملڻ ۾ هرج به ڪهڙو؟ مگر هوءَ ته ٻئي جي زال آهي. پرائي عورت سان ڪيئن ٿو ملي سگهجي! اهو به ان صورتحال ۾ جڏهن سند خاندانن ۾ ٽڪراءُ واري حالت آهي. اچڻ وڃڻ ته پري رهيو پر دعا سلام پڻ بند آهي، پوءِ ڇو ملجي؟ انهن ئي ويچارن ۾ ته نسرين سان ملجي يا نه ملجي، هُو جاءِ تي پهچي ويو. هُو وڃڻ يا نه وڃڻ جو فيصلو ته ڪري ڪونه سگهيو هو پر نسرين کي ڏسڻ سان سندس سڻل سور وري جاڳي پيا هئا. هڪ ڀيرو وري نسرين سندس وجود تي حاوي ٿيندي ويئي. اٽين پنڌرهن ويهه ڏينهن گذري ويا. پر انهن ڏينهن دوران سرور جي سانتيڪي زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو وري زلزلو اچي ويو هو. اٿندي ويهندي، پڙهندي پڙهائيندي، گهمندي ڦرندي سرور جي دل ۽ دماغ تي نسرين جي ياد، نسرين جا خيال ۽ نسرين جو حسين سراپا مڪمل طرح ڇانئجي چڪو هو. هن جو سک چين ڦٽي چڪو هو.

هڪ آچر تي هُو دير تائين ستو رهيو. ڇنڇر جي شام کان ئي سندس دل ۽ دماغ ۾ ويڙهاند شروع ٿي ويئي هئي. ته هن آچر تي نسرين ڏانهن وڃجي يا نه. ويندي پوئين رات تائين هُو اٿي ويٺي، سُتي ليٽي، هلندي چلندي انهيءَ مانڌاڻ ۾ منڌل رهيو پر آخر تائين به ڪو فيصلو ڪري نه سگهيو. نيٺ ننڊ مٿس رحم ڪيو ۽ هو سمهي رهيو. 11 وڳي تائين هو ستو رهيو. اک کليس ته اٿيو. بدن سُور کان چُور هوس. آرس ڀڳائين ۽ اوٻاسيون ڏنائين. ٽوال کنيائين. واش روم ڏانهن ويو. فريش ٿي ٻاهر آيو. گئس تي چانهه جو ڪوپ ٺاهيائين. ڊبل روٽيءَ سان ناشتو ڪيائين. انهيءَ سموري عرصي دوران هُو خاموش ۽ گم سم رهيو. هڪ لفظ به ڪونه ڳالهايائين. پر ڳالهائي به ڪنهن سان؟ اڪيلو ئي ته هو. ۽ پوءِ..... ۽ پوءِ هن جا قدم خودبخود نسرين جي گهر ڏانهن کڄڻ لڳا.

هُو گاڏي ڪاتي کان ريشم گلي ڏئي شاهي بازار ۾ پهتو ۽ شاهي بازار. وٺي سڌو مارڪيٽ ٽاور تائين پهتو اجا به اڳتي هلي ڪاري موري ڏانهن ويندڙ روڊ وٺي ٿنڊو ولي محمد واري علائقي ۾ داخل ٿيو. چار پنج گهٽيون ڇڏي هڪ گهٽيءَ ۾ مڙي پيو. ٿورو اندر وڃي هڪ جاءِ جي اڳيان اچي بيٺو.

دل جي دري

ٽڪر ڪرڻ لڳو. ننڍا ننڍا ٽڪر. اڃا بہ ننڍا ٽڪر. بنھہ ننڍا ذرا ذرا. ھُن پنھنجي ڇيھون ڇيھون ٿيل دل جي ٽڪڙن ڪان بہ وڌيڪ ٽڪرن پر تصور ڪي ڦاڙڻ ٿي چاھيو.

◉

# گولڊ ميڊل

ڪجھ ڏينهن اڳ هڪڙي اخبار ۾ اشتهار پڙهيو هئائين تہ "گولڊ ميڊل جي مقابلي لاءِ دلچسپي رکندڙ ڪهاڻيڪار پنهنجون نڪور ڪهاڻيون ڏياري موڪلين." اشتهار پڙهڻ مهل ئي هن ارادو ڪيو هو تہ مقابلي لاءِ ڪهاڻي لکندو. پوءِ هُو لڳو پور پچائڻ تہ ڪهاڻي ڪهڙي موضوع تي لکجي! بس ائين پور پچائيندي پچائيندي ڪيس بہ ٽي ڏينهن گذري ويا. اُن دوران هُن سندس ڪهاڻيڪار دوست نواز سان بہ ڳالھ ڪري ڇڏي هئي تہ هُو گولڊ ميڊل جي مقابلي لاءِ نڪور ڪهاڻي لکڻ چاهي ٿو. هُو فيصلو تہ ڪري ويٺو تہ ڪهاڻي لکندو، پر باوجود گهڻو سوچڻ جي، ڪيس ڪوبہ موضوع ڪونہ ٿي آهڙيو جنهن تي ڪهاڻي لکي سگهجي. سنجهي مان سوچيائين، آڌيءَ مهل اٿي ويٺو. پرھ ڦٽيءَ مهل، پوئين رات جي ماڪ پنل ٽڏڙي ٽڏڙي هير جو حسين ڇُهاءُ محسوس ڪندي لکڻ جو ارادو ڪيائين. شام جو گهنگهور گهٽائن سان ڇانيل ڪاري ڪارو نيار هيٺ، سارين ۽ ڪمند جي فصلن جي وچ ۾ ٻنن تي ويهي لکڻ جي ڪوشش ڪيائين. نٿهڻ اُس ۾ واھ جي ڪپ تي بيٺل گهاٽي ٻبر جي ڇانوَ هيٺ ويهي سوچيائين ۽ صبح سوير نڙيل موتئي جي پرجهلي ويٺو پر ٻيو مڙيئي ٺيو خير! ڪيس ڪابہ اهڙي ڳالھ ڪانہ ٿي سُجهي، جنهن تي ڪهاڻي لکي گولڊ ميڊل جي مقابلي لاءِ موڪلي سگهي!

هُو ٻن هفتن کان وٺي مسلسل سوچي رهيو هو. گهر جا، پاڙي جا، ڳوٺ جا، برادرين جا، راڄن جا، طبقن جا، قومن جا، سنڌ جا، ملڪ جا ۽ بين الاقوامي ڪوڙ سارا موضوع سندس ذهن ۾ آيا. پيارَ ڪهاڻيون، نفرت ۽

واريءَ ۾ مقابلي ۾ حصو ئي ڪونہ تو وٺان.“

”پر آءٌ توکي ڪي نوان موضوع ٻڌايان ٿو. لکين يا نہ لکين، سا تنهنجي مرضي، باقي ٻڌي ڇڏ. اڄڪلهہ سنڌ ۾ False Heroism يعني هٺ ٺوڪي ليڊريءَ جي وبا پکڙجي چڪي آهي. جنهن سان بہ چانهہ پياڪ دوست گڏجي ويهن ٿا، سو ٻئي ڏينهن سنڌي قوم جو هيرو ٿيو پوي. پيا تہ ٺهيو پر جن آمرضياءَ جي ريفرينڊم ۾ سندس حق ۾ ڪوڙن ووٽن سان پيٽيون پريون سي بہ اڄ سنڌ جا لال ٿي پيا آهن. تون انهي هٺ ٺوڪي ليڊريءَ تي لک. ڪجهہ لقب القاب آءٌ تو ٻڌايانءِ، جيڪي هنن عوام جي مرضيءَ کانسواءِ ئي پنهنجو پاڻ تي ڪونٽر سان چنبڙائي ڇڏيا آهن. باقي پيا توکي بہ خبر آهي. مثال طور روحاني پيشوا، نولکي گودڙيءَ جو ڌڻي، شرافت جي سياست جو علم بردار، مها انقلابي، پورهيت اڳواڻ، هاري رهنما، قائدِانقلاب، قائد عوام، ڌهيسر سنڌ، رهبر، چوٿين دنيا جو مفڪر، پنجين دنيا جو دانشور، سنڌ جو چي گويرا، سنڌ جو ابو جهاد، مزاحمتي جنگ جو سرواڻ، سنڌ جو جاني، رامبو ڪمانڊو، وغيره وغيره. اڄڪلهہ گهر گهر اهڙا ڪوڙ سارا سرواڻ، اڳواڻ، مهندار، رهبر، رهنما ۽ هيرا ٿي پيا آهن. تون ڪنهن بہ هڪ جي هُوبهوڪردار تي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان لک. جنهن تي بہ لکين، پر ايترو ضرور ڄاڻائجانءِ تہ هُن مٿس چنبڙيل لقب سان پنهنجيٰ عمل ذريعي ڪهڙي تعدي ڪئي آهي. يا ڪيترو نياهيو آهي. ۽ بس.“

”واهہ واهہ! پيلي ڳالهہ تہ پلي پر..........“ هُن ڳاهہ اڌ ۾ ڇڏي ڏني.

”پر ڇا.....!“ نواز ورائي پڇيس.

”پر پيلي آءٌ ڊڄان ٿو هيءَ تي ٻليءَ کي گهنڊڻي ٻڌڻي، سامون ڪان ٻڌي ڪانہ ٿيندي.“

”ڇو؟ اِن ۾ ڊڄڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. سچ بسچ آهي. سچ لکڻ ۾ ڊپ ڪهڙو؟ هونئن بہ قلمڪار کي هر معاملي تي بهادريءَ سان لکڻ کپي ۽......“

”تنهنجي نظر ۾ سچ ڇا آهي؟!“ هن نواز کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”منهنجي نظر ۾ سچ اهوٰ آهي تہ ويٽنامي قوم جو فتح ڪان بنهہ ٿورڙو

ثابت ڪري سگهي ٿو؟“ هُن پڇيو.

”منهنجي نظر ۾ سچو پچو ڪارڪن اهو آهي جيڪو وطن ۽ قوم جي آجپي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ پارٽين يا تنظيمن جي نظريئي، آئين ۽ منشور کي چڱي طرح غور سان پڙهي ۽ پوءِ ذهني طرح تيار ٿي پڪي ۽ پختي ارادي سان پنهنجي من پسند تنظيم ۾ شامل ٿئي. ايمانداريءَ سان جسماني، مالي ۽ وقت جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿئي. پهچ ۽ وت آهر پاڻ تي ڪم ورهائي کڻي ۽ اهو ڪم وقت اندر پورو ڪري اطلاع ڪري. پاڻ پنهنجي سمجهه وڌائڻ خاطر نظرياتي تعليم جو حصول جاري رکي، عوام سان بنهه ويجهو لاڳاپو رکي. پاڻ ۾ نهٺائي، ڌيرج، سهپ ۽ سنجيدگي پيدا ڪري. هر وقت سمجهڻ ۽ سمجهائڻ، سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ تيار رهڻ کپي. وڏن جي عزت ۽ ننڍن تي شفقت ڪري مسلسل عمل ڪندو رهي. ڪڏهن به ماڻهن جي دل آزاري نه ڪري، موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان اهڙي ڳالهه ڪري جيڪا ٻڌندڙن کي وڻي ۽ سندس حسن اخلاق ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ عزت، احترام ۽ جاءِ پيدا ڪري. هٺ، غرور، وڏائي، خودثنائي، خودنمائي، خوشامند، پاڻ پڏائڻ، برتري جتائڻ، هلڪڙائپ ، شوبازي ۽ ترڙائپ جهڙن موذي مرضن کان پري رهڻ گهرجي. سچن ۽ خوبصورت، وطن دوست ۽ عوام دوست نعرن جي آڙ وٺي جنسي خواهشن جو پوراڻو ڪرڻ لاءِ معصوم ۽ بي لوث ڪارڪنن کي برغلائي ساڻن بداخلاقي ڪرڻ، هٿيارن جي زورتي دهشت گردي ۽ ڦرلٽ ڪرڻ، پنهنجي سينيارٽي جي بنياد تي نو عمر ڪارڪنن تي پنهنجي برتري جتائي، کين بليڪ ميل ڪري، بيوس ۽ مجبور ڪري ساڻن غير انساني سلوڪ ڪرڻ، چڙواڳي، ضابطن، جي ڀڃڪڙي، ذميواري کڻڻ کان پاسو ڪرڻ ۽ سڪڻي ليڊري جتائڻ وغيره جهڙيون بريون عادتون ڪارڪنن جي ڪردار کي تباه ڪرڻ جو ڪارڻ ٿين ٿيون، انهن کي ترڪ ڪرڻ کپي. جڏهن اهڙن ڪارڪنن جو لشڪر پنهنجي تنظيمن جي ضابطي ۽ حڪمن تحت وطن ۽ قوم جي آجپي لاءِ ميدان ۾ نڪري ايندو تڏهن منزل ۽ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ دنيا جي ڪابه طاقت رڪاوٽ بنجي ڪانه سگهندي. منهنجي ڪهاڻيءَ جو موضوع اهو

آهي." نواز سندس ڪهاڻيءَ جو تت ٻڌائيندي چيو.

"يار نواز جيڪڏهن آءٌ انهيءَ گولڊ ميڊل ورهائڻ واري پينل جو جج هجان ها ته يقينن نمبر پهريون تنهنجو هيو. پر آءٌ نٿو سمجهان ته ڪو هِن مقابلي ۾ تنهنجي ڪهاڻي شامل به ڪئي ويندي ڇاڪاڻ ته تنهنجي ڪهاڻي، ڪهاڻي گهٽ پر سياسي ليڪچر وڌيڪ لڳي ٿي. مقابلو ادبي ڪهاڻين جو آهي. ۽ تو لکيو آهي سياسي ليڪچر، سو به نصيحتن واري انداز ۾." هُن چيو.

"پر ادا، سياست ۽ ادب کي هڪبئي کان الڳ به ته نٿو ڪري سگهجي." نواز وراڻيو.

"ها ادا، اِها ته حقيقت آهي ته صحيح ادب به اُهو آهي جيڪو عوام جو هجي ۽ عوام لاءِ هجي. هن وقت وطن ۽ قوم کي جن شين جي اشد ضرورت آهي، سي ئي ڳالهيون ادب وسيلي کين ڏجن، اهوئي سچو پچو ادب آهي. باقي رهيو گولڊ ميڊل، سو تنهنجي اِن ڪهاڻي تي نه ڪو توکي ملي ۽ نڪي مون کي ملي، جيڪڏهن مون تنهنجي ڏسيل موضوع تي ڪهاڻي لکي ته: تنهن ڪري گولڊ ميڊل جو خيال تون به لاهي ڇڏ." هُن وراڻيو.

مارچ 1995ع

# نپر منهنجو نيهن......!

آءُ جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هوس، تڏهين سياري جي وئيڪيشن ۾ يا ساليانہ امتحان لاهي پوءِ اونهاري جي وئيڪيشن ۾ ڳوٺ ايندو هوس. موڪلن دوران آءُ شهر ۾ درزڪو ڪم ڪندو هوس. موڪلن ڪانسواءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن ٻن ٽن مهينن جي وقفي بعد خرچ پکي جا پئسہ وٺڻ ڳوٺ ايندو هوس. سو هڪ ڀيري آءُ ڳوٺ هوس. ٻکر ۾ اسان جا مائٽ رهن ٿا. انهن سان منهنجي پاڃائي، يعني ادا خير محمد جي گهر واريءَ جو مٽيءَ مائٽيءَ جو لاڳاپو آهي. اُهي ٻکر وارا مائٽ اسان جي ڳوٺ ۾ رهندڙ سندس مائٽن وٽ ايندا رهندا آهن. اُهي جڏهن بہ ڳوٺ ۾ ايندا هئا. تڏهن انهن جون عورتون اسان جي گهر پاڃائيءَ سان ملڻ ضرور ايندين هيون. هڪڙي ڏينهن جڏهن آءُ گهر هوس. تڏهن ٻکر مان آيل پاڃائيءَ جون ڪي مائٽياڻيون ۽ ساڻن گڏ ڪي پاڙي جون ڇوڪريون بہ گڏجي اسان جي گهر آيون هُيون.منجهند جو وقت هو. اديءَ ٻوڙ پٽي رڌو ۽ پاڃائيءَ مانيون پٽي پڪيون. آءُ مانيءَ جي انتظار ۾ ويجهو ئي پيل کٽ تي ليٽي "روح رهاڻ" رسالو پڙهي رهيو هوس. مون شايد پهرين بہ ذڪر ڪيو آهي تہ مون ۾ غربت جي ڪري يا احساس ڪمتري ۽ احساس محرومي جي ڪري خود اعتمادي بنهہ گهٽ هئي، بلڪ اڃا بہ ائين آهي. اُن ڪري ماڻهن جي جهنجهٽ کان ۽ خصوصن عورتن جي جهُڳٽي کان تہ اصل ونئون پيو ويندو هوس. هي جو اوچتو پنج اٺ عورتون، جن ۾ چار وڏيون زالون، چار

تصور ۾ موجود آهيءِ مون کان تڏي آهه ۽ نڪتي آهي تہ لڙڪن ۾ اکين جي سنڌوءَ جا بند ٽوڙي وڌا آهن! اُن ڏينهن ۾ پوءِ ايندڙ ٻن ٽن سالن ۾ اسان هڪ ٻئي کي ڪُجھ پيرا ڏٺو هو. پر ڳالهائڻ لاءِ نہ "هُن جي" زبان جو تالو ٽٽي سگهيو هو ۽ نہ ئي منهنجا چپ چُري سگهيا هئا. اُن عرصي دوران اسان هڪ لفظ بہ ڪونہ ڳالهايو هو. بس جڏهن بہ هڪٻئي کي ڏسندا هئاسين، تڏهن هڪ ٻئي لاءِ دلين ۾ چاهتن جا داستان ڪلي پوندا هئا ۽ اکيون آرسيون ٿي پونديون هيون. اکيون ڳالهائينديون هيون ۽ اکيون ئي سمجهنديون هيون. رات جي راڻيءَ جي سُرهاڻ جهڙي مُرڪ سان هڪ ٻئي جي آجيان ڪندا هئاسين. ۽ پياسي ڌرتيءَ جي سڪل نوٽ سيني جهڙي اُڃايل مرڪ سان موڪلائي ڪندا هئاسين. نہ تڏهن، جڏهن "هوءَ" هئي، ۽ نہ پوءِ اڄ ڏينهن تائين، اسان جي سڪايل چاهتن ۽ قربتن جي ڪنهن کي ڪا ڪَل پئجي سگهي هئي / آهي.

آءٌ 1967ع ۾ چوٿين سال جي ساليانی امتحان جا پيپر ڏيئي چڪو هوس. پريڪٽيڪل پنجن ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ ٿيڻا هئا. تڏهن، هڪ ڏينهن غير متوقع طور اَبُو سومري جو آڏن ڦڏن اکرن ۾ لکيل هڪڙو خط اچي مون کي مليو. (ابو سومرو منهنجو تنڊي هونڊي کان وٺي يار آهي.) غير متوقع طور اُن ڪري جو گذريل چئن سالن دوران هُن ڪڏهن بہ ڪو خط ڪونہ لکيو هو. اُن خط ۾ ابو سومري ائين رسمي دعا سلام ۽ حال احوال سان گڏ برادر ۾ ٿيل قضيئي جو ائين محض اطلاع طور ذڪر ڪيو هو. لکيو هئائين. "هُوءَ" زهر کائي مري ويئي هئي. ابو سومري کي تہ اِها خبر ئي ڪانہ هئي تہ اِهو محض اطلاع منهنجي لاءِ ڪهڙيون نہ قيامتون برپا ڪندو. منهنجي لاءِ تہ ساري دنيا زهرپي دم ٽوڙي چڪي هئي. اکين اڳيان اوندهہ ڇائنجي چڪي هئي. منهنجا ٻئي هٿ، جن ۾ خط وارو ڪاغذ پڪڙيل هو تن مان ڪاغذ ڪري پيو ۽ هٿ مٿي ڪجي وارن تائين پهتا ۽ آءٌ رڙيون ڪري پنهنجا وار پٽڻ لڳس. ڪمري جي فرش تي گيلاٽيون کائي دانهون ڪرڻ لڳس. اهو تہ شڪر ٿيو جو اُهو ميس ۾ ماني کائڻ جو وقت هو تنهن ڪري مون کان سواءِ آس پاس جي ڪمرن ۾ ڪو بہ ڇوڪرو موجود ڪونہ

هو. نہ تہ ڪر منهنجي ديوانگيءَ تي جڳ هسائي ٿئي ها. پر ...... پر ڇا روئڻ سان بہ ڪو رهيو آهي سپرين!

مرڻ ڪان پوءِ ڪو وريو آهي سپرين!!

ائين منهنجو سپرين بہ ڪونہ رهيو.

هليو ويو.

ڪونہ وريو.

آءُ روئندو رهيس.... هنجون هاريندو رهيس..... ڳچ ڳاريندو رهيس..... پنجن ڏينهن تائين شيو ڪونہ ڪيم. ڏاڙهي وڌي ويئي. اکين ۾ سرمون پائڻ ڇڏي ڏنم (جيڪو ننڍي هوندي کان اڃا تائين پائيندو آهيان.) پنجن ڏينهن ڪان پوءِ بہ ڪپڙا ڪونہ بدلايم ۽ ائين وڃي پريڪٽيڪل ڏيڻ لاءِ ليباريٽريءَ ۾ داخل ٿيس. اُن ڏينهن ليڪچرار اعجاز قريشي صاحب انچارج هو. پريڪٽيڪل ختم ڪري زباني امتحان ڏيڻ لاءِ جيڏي مهل اعجاز صاحب جي سامهون آيس تہ هُن مون کي پيرن کان وٺي مٿي تائين جانچي ۽ پوءِ اکيون اکين ۾ وجهي پڇيو:

”هي ڪهڙا حال بنايا اٿئي مجنا!؟“

الاجي ڪيئن منهنجي زبان مان نڪري ويو: ”سر، مجني کي تہ ليليٰ بيهڻ جو اشارو ڪيو هو ۽ وري اچڻ جو آسرو ڏنو هو. پر منهنجي لاءِ تہ ڪو آسرو بہ ڪونهي رهيو.“

”ڇا چيئہ؟!“

”سر، چيم تہ سچو مهينو امتحان ڏنو اٿئون، بنهہ ساڻو ٿي پيو آهيان. وري پن ڏينهن کان بخار بہ هوم، سو ائين وٺي پڳو آهيان.“ پاڻ سنڀالي چيم.

”نہ نہ! بلڪل نہ ڳالهہ ڦيرائي نہ. پهرين ڇا چيئہ؟“

”ايڪيوز مي سر، آئي ايم ويري ساري. ائين زبان مان نڪري ويو.“ منهنجو لهجو روئڻ جهڙو ٿي ويو.

”ڊونٽ بي ساري بڊائي، معاملو ڇا آهي؟“

منهنجون اکيون لڙڪن مان پرجي آيون. زبان ۽ لفظن جو ساٿ ٽٽڻ لڳو. ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهيس. نيٺ بيوس ٿي ڏانهس نهارڻ لڳس. اکين ۾

وچڙيل ڳوڙها، پيندڙ پٽائي رسا چِناٽي ڳلن تي وکري ويا. "سر، هُن زهر پي چڏيو ۽ منهنجي جيون ۾ زهر پيري ويئي آهي." ڏڪڙجي ڏڪڙجي، مس مس چئي سگهيو مانس.

"اوهه... آئي ايم ويري سيڊ. همت ڪر. مڙس ماڻهو ٿي. پنهنجي زندگي زهر نه ڪر. بهتريءَ لاءِ ڪوشش ڪر." اعجاز صاحب چيو ۽ بنا سوال پڇڻ جي مارڪون ڏيئي ڇڏيائين.

مون کي ٿنڊوڄام زهر ٿي لڳو. ٿنڊوڄام ۾ ڪاليج اڳيان لان ۾ قسمين قسمين گل ھوندا، جن جي ڇانوَ ۾ ويهي سڳنڌ جو واس وٺي مون چار سال گذاريا هئا. هارٽيڪلچر گارڊن، جنهن ۾ هر وقت رنگين گلن ۽ پوپٽن جي چوياري متل هوندي هئي. سي سڀ مون کي زهر ٿي لڳا هئا. اڙي زهر! شل ڪو زهر مارينئي! تو ڪيئن ٿي منهنجو سپرين ماريو!! اڙي موت! شل ڪو موت مارينئي! تو ڪيئن ٿي منهنجو جاني ماريو!!

پوءِ جڏهن ڳوٺ پهتس ته خبر پئي ته "هُن کي" سندس پياءُ جي سنگ جي بدلي ۾ ، سندس ٽيندڙ پاڇائيءَ جي پوڙهي پيءُ سان ٿي پرڻايائون.

"هُن" انهيءَ بي واجبيءَ تي ڪو احتجاج ته ڪونه ڪيو......

زبان ته ڪانه کولي.........

پرڙگا گونگا ڳوڙها پئي ڳاڙهيائين....

پوءِ جڏهن، اشڪن جا آبشار جاري ٿي، سڪي ويا.........

تڏهن زهر پي ڇڏيائين....

دانهن به ڪانه ڪيائين.........

جيئن رات جو سُتي.........

تئين صبح جو مُنهن تي مرڪ سجائي مئي پئي هئي......

مون کي ٻڌايو ويو هو ته سندس اکيون ڪليل هُيون...

ائين جيئن، ڄڻ ڪو ڪنهنجو اوسيئڙو ڪندو هجي.....

پر ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته "هوءَ" ڪنهن جي اوسيئڙي ۾ واٽون نهاري رهي هئي........

مون کي اديءَ هڪڙي مُندي آڻي ڏني. چيائين ته "هوءَ" مهينو کن اڳ

۾ هتي آئي هئي ۽ هيءَ منڊي تنهنجي لاءِ ڏني هئائين. مُنڊيءَ تي اردوءَ ۾ "سلامِ محبت" جا لفظ اُڪريل هئا.

ماڻهو مري ڪيئن ٿو؟ سا ته مرڻ وارن کي ئي خبر هوندي. ڇو ته مرڻ وارو ته وري اچي ڪونه ٿو جيڪو اچي ٻڌائي ته موت ۾ ڪيترو مزو آهي يا ڪيتري اذيت آهي. البت اڍائي هزار سال اڳ روم ۾ هڪڙي شخص کي ڪنهن ڏوهه جي سزا ۾ صليب تي ٽنگيو هئائون. چوويهن ڪلاڪن کانپوءِ جڏهن هُو بنهه مرڻ کي ويجهو وڃي پهتو هو تڏهن سندس سزا معاف ڪئي ويئي ۽ کيس صليب تان لاٿو ويو هو. بعد ۾ هن ٻڌايو ته "آءٌ چوويهه ڪلاڪ صليب تي ٽنگيل ڪونه هوس. پر ائين پئي لڳو ته مون کي صليب تي ٽنگجندي چوويهه صديون تي ويون هُيون. ائين پئي سمجهيم ته آءٌ جائي ڄم کان وٺي صليب تي ٽنگيل هوس. مون تي سمجهيو ته آءٌ هميشه کان وٺي صليب تي ٽنگيل هوس. جڏهن وقت گذرندي به نه گذرندو آهي ۽ جڏهن وقت جو ڪاٽو ڪري نه سگهبو آهي، تڏهن وقت "هميشه" جي لامحدود وسعتن ۾ گم تي ويندو آهي. مون صليب تي ٽنگجندي به شيون محسوس ڪيون: هڪڙو نه گذرندڙ وقت ۽ ٻيو نه ختم ٿيندڙ درد ۽ پيڙاهه!"

سو مون به "هُن" جو سوڳ صليب تي ٽنگجي ملهايو.

جڏهن لڙڪ خشڪ ٿي ويا.....

۽ اُشڪن جا آبشار سڪي ويا.......

۽ سڏڪا گهُٽجي ويا.........

۽ درد ۽ پيڙاهه سڪرات جو ذائقو چکايو........

تڏهن پاڻ مارڻ چاهيم........

پر ڊڄي ويس..........

بزدل..........

گيدي.....

موت کان ڊڄي ويس....

پاڻ ماري نه سگهيس.......

بيمار ٿي پيس........

علاج ڪونہ ڪرايم........
قدرتي موت مرڻ تي چاهيم........
نہ مئس........

پوءِ اڪبر شاهہ ڪتابن جو ترياق ڪٽي اچي پهتو هو. نيٺ ڪتابن جو سهارو ورتم ۽ ڪتابن مون کي بچائي ورتو.

وقت وڏو ويري آهي.
وقت وڏو ظالم آهي.
وقت جو قانون انڌو آهي.
۽ پر وقت وڏو مرهم پڻ آهي.

وقت جي مرهم سان آهستي آهستي منهنجي دل تي تيل "هُن جي" وڇوڙي جا داغ ميٽجڻ لڳا هئا. آهستي آهستي ڦٽ ڇٽندا ويا ۽ ماس ماس جهڙو ٿيندو ويو.

۽ آءٌ ٺيڪ ويس.

پوءِ آءٌ گلاب جي پتين جو جهول ڀري سندسُ قبر تي ويو هوس.

۽ سندس قبر جي مٿيءَ کي اشڪن جو ريج ڏيئي موٽيو هوس.

مون نہ تہ سندس مغفرت لاءِ ڪا دعا گهري هئي ۽ نہ ئي وري سندس ري موڪلائي وڃڻ تي ڪيس ڪو ڏوراپو ڏنو هو. ٻہ ٽي ڳوڙها ڳاڙيا هئم. گلن جون پتيون نڇاور ڪري ۽ خاموش لڙڪن جي پيتا ڏيئي واپس وريو هوس.

واپسيءَ مهل، منهنجا پير مڻ مڻ جهڙا ڳرا ڇو ٿي پيا هئا. سا خبر ڪانهيم.

⦿

# شاني ۽ شامي

جولاءِ 96ع جي 29ـ تاريخ هئي. گذريل ٽن چئن ڏينهن کان لاڙ جي ماحر واري علائقي جي موسم اهڙي تہ پلوڙ هئي، جنهن جي ڳالهہ ئي ڪٿي ڇڏ. اهڙي موسم جو ذڪر صرف ڪتابن ۾ ئي پڙهبو آهي. نظر حد تائين نيرو آڪاش گهنگهور گهٽائن جي گهيري ۾. سمورو اُڀ پورن ناسي بادلن سان ڇانيل، سج گهاٽن ڪارن ڪڪرن اڳيان ويچارو ويچارو. اجا هٿ پير هٽيو مس مس ڪٽان ڪا ڪني ڪڍي تہ هڪدم ڇڙواڳ ۽ ڇيڳريون ڪڪريون واريو وڃنس. سجو ڏينهن جهڙالو جهڙالو. ڏکڻ جون ٿڏيون ٿڏيون هوائون. گهڙيءَ پل اتر کان تہ ڪن ساعت ۾ ڏکڻ کان ڪاروَنيار ۾ ڪارَ ٿئي تہ سنهڙي سنهڙي ٿڌڙي بوندار وسي. پر رڳو بوندار تائين، وَڏَ ڦڙو اڃا تائين ونوئي ڪونهي. هر طرف سارين ۽ ڪمند جي فصل جا اڻ ڪٽ سلسلا، نظر حد تائين ڏرتي ماتا سائو ويس پهريل. واهہ جي ڪنڌيءَ سان ٻبرن جي وڻن جون قطارون ۽ اُهي وري پيلن گلن سان جهنجهيل.

شام جي ويلا هئي. عزيز ڳوٺ جي چيڙي تي، واهہ جي ڪپر سان نهيل پنهنجي جاءِ جي ڇت تي ڪرسي وجهيو ويٺو هو. هُو ههڙي سندر ۽ حسين موسم ۾ فطرت جي خوبصورت نظارن ۾ مست مگن ۽ محو هو. هُو هڪ هفتي جي موڪل تي آيل هو. مطالعي جي غرض کان ڪنيل رسالو سندس هٿن ۾ ڪُليل جهليل هو. پر پاڻ رسالي ۽ آس پاس جي مدهوش ڪندڙ ماحل کان ڪوهين ڏور ڪنهن سپنن جي واديءَ ۾ گم هو. ڏکڻ جي ٿڌڙي ٿڌڙي هوا سندس وران جي ترتيب بگاڙي رهي هئي.

عزيز ٽيهن سالن جو حسين نوجوان. ڪراچيءَ ۾ هڪڙي برجستي فرم

۾ سٺي عهدي تي فائز. سٺو پگهار سٺي رهائش ۽ گاڏيءَ جي سهوليت. غريب مائٽن تن کي تسيا ڏيئي پڙهائي راس ڪيو. بخت وارو ڏنو. ڊڪ ۾ ئي نوڪري ملي ويس. پنجن ڇهن سالن ۾ پنهنجي ڳوٺ سٺو گهر ٺهرايو هئائين. غريب مائٽن جا، پنهنجي اولاد لاءِ ڏسجندڙ حسين خواب ۽ منجهانئن رکيل توقعائون پوريون پئي ٿيون. زمين جو ٽڪر. مال ڍور. سُکئي ٽڪر جو پورائو. سڀ ڪجهه. ماڻس پٽ جي واکاڻ مانُ ڍاپي ئي نہ پٽس پٽ جون ڳالهيون ڪري تہ واڇون ئي نہ پيون گڏجنس. پائر قربان قربان. پيئرون صدقو صدقو. پر سڀ کان گهڻي خوشي شهناز کي ، بنهہ وهلور پئي ويئي. ڳالهہ ڳالهہ تي ٺهڪن جون ٽليون گهر ڀُرايو ڪٽن. شهناز جنهن کي پاڻ پيار مان شاني چوندو هو. شاني جنهن سان سندس جيءَ جون جڙيون هيون. پريت جا پيچ هئا. قرب جون ڪڙيون هيون. روح جا رشتا هئا. شاني، جنهن سان گڏ جيئڻ مرڻ جا وچن ۽ واعدا هئا. عهد وْ پيمان هئا. شاني جيڪا سندس ماروٽ هئي. سندس مامي جي لاڏلي ڌيءَ هئي. سندن ننڍپڻ ۾ ئي ڳالهہ پڪي ٿيل هئي.

عزيز ڪراچيءَ ۾ جنهن فرم ۾ ڪم ڪندو هو تنهن جو مالڪ سيٺ وجاهت، اردو ڳالهائيندڙ هڪڙو ٽپ ڪاروباري ماڻهو هو. هُو هر ڳالهہ کي ڪاروباري نقطہءَ نظر سان ڏسندو هو. هُن پناهگير سنڌي جهيڙي جي باوجود بہ پنهنجي فرم ۾ سنڌين کي نوڪريون ڏنيون هيون. عزيز بہ سندس اُن حڪمت عمليءَ تحت پرتي ڪيو ويو هو. پر عزيز جي ايمانداريءَ ۽ ڪاروباري صلاحيتن کي سامهون رکي کيس جلدي ترقي ڏيئي رعايتن سان نوازيو ويو هو. سيٺ وجاهت، سٺ سالن جو هڪ جهانديده شخص هو جنهن دنيا جا اڪثر ملڪ گهمي ڏٺا هئا ۽ ڪئين وسنديون ۽ ڦتنديونَ پنهنجي اکين سان ڏٺيون هئائين. کيس سنڌ ۾ سنڌي پناهگير جهيڙي جي نتيجي ۾ مهاجرن جو مستقبل اونڌاهون پئي ڏسڻ ۾ آيو. هُوانَ جهيڙي کي مهاجرن جي چريائپ قرار ڏيندو هو. هُو باوجود گهڻي ڪوشش جي، ڇڙواڳ ۽ دهشتگرد مهاجر نوجوانن کي پنهنجي نقطہءَ نظر تي قائل ڪري نہ سگهيو هو. هُن جو خيال هو تہ هاڻي سنڌ اسان سڀني جو وطن آهي. اُن ۾

"مون تنهنجي لاءِ راتين جون راتيون جاڳي اوسيئڙو ڪيو آهي." شاني.

"مون توهان جو هزار جنمن کان وٺي انتظار ڪيو آهي." شامي.

"تون منهنجو چنڊ آهين. مون چڪور وانگر توکي چاهيو آهي." شاني.

"توهان پرنڊڙ چراغ مثل آهيو ۽ مون پتنگ بنجي پنهنجا پَرَ جلائي ڇڏيا آهن." شامي.

"مون توکي چيٽن جي چانڊوڪيءَ ۾ چاهيو آهي. مون توکي ڪارونجهر جي ڪور ۾ ڊيل جيان پڪاريو آهي. مون توکي سانوڻيءَ جي بونڊارَ ۾ ڳوليو آهي. مون توکي انبن جي ٻور ۾ چنبيليءَ ول ۾ گلاب کي چمندڙ ماڪ ڦڙن ۾ تلاش ڪيو آهي. عزيزا!" شاني.

"مون توهان کي آسمانن جي وسعتن ۾ ٽيڪسيلاجي کنڊرن ۾ ڪوهِ مريءَ جي پهاڙن ۾. سنڌوءَ جي ڊيلٽا ۾ ٽيمس جي ڪناري تي، فرات ۽ دجلہ جي چوٽن وٽ، مانسرور جي ڪپرن تي ، گنگا ۽ جمنا جي سنگم وٽ، مصر جي احرامن ۾ سلون جي مندرن ۾ بنگلاديش جي سيلابن ۾ ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سموري ڪائنات ۾ بلڪ بليڪ هول تائين بہ توهان کي تلاش ڪيو آهي عزيزا!" شامي.

"تون منهنجي ساهہ جي سڳنڌ آهين. من جو ميت آهين. اُوشا ويلي ڪوئل جي ڪوڪ آهين."

ٿر جي مور جي صدا آهين. تون منهنجي اوچنگار جو آواز آهين ۽ تون ئي منهنجي مسڪراهٽ جو موهہ آهين." شاني.

"توهان منهنجي خون جي گردش آهيو. دل آهيو. جگر آهيو. جسم آهيو. جان آهيو. منهنجا ٺهڪ بہ توهان، آهون بہ توهان. مُرڪ بہ توهان لڙڪ بہ توهان. بس توهان ئي توهان آهيو. توهان آهيو تہ سڀ ڪجهہ آهي. توهان ناهيو تہ ڪجهہ بہ ڪونهي." شامي.

مسڪرائيندڙ چهرو— شاني.

مسڪرائيندڙ چهرو-- شامي.

لڙڪن ڀنل چهرو— شاني.

لڙڪن ڀنل چهرو— شامي.

شاني.... شامي....... شاني.... شامي..... شاني...... شامي!

عزيز عجيب ڪيفيت ۾ ڪيتري وقت کان ڪرسيءَ تي آهليو پيو هو. سندس من ۾ مانڌاڻ متل هو. هُو ڪوبه فيصلو ڪري ڪونه پئي سگهيو. هُو ڪا قطعي چونڊ ڪري ڪونه پئي سگهيو. هن کي ٻئي پاسا ڏاڍا ڳرا پئي لڳا. هڪ طرف ننڍ پڻ جو پيار، معصوم محبت، سچو خلوص، ٽهڪندڙ ٻهڪندڙ مهڪندڙ ۽ من موهيندڙ شانيءَ جو چهرو ته ٻئي طرف هر قسم جي شڪ شبهي کان بالاتر پيار ۽ محبت جو پيڪر، سمورين سچائين سان چاهيندڙ شاميءَ جو مرڪندڙ چهرو. هڪ طرف پنهنجي برادري ذات ۽ قوم سان لاڳاپيل سندس مامون ۽ ٻئي طرف ذات پات جي وٿيڇي، قومن جي فرق، اونچ نيچ جي تفاوت کان بالاتر سيٺ وجاهت، جيڪو حال هڪيو سندس گذر سفر جو وسيلو پڻ بنيل هو.

سج ڪڏهوڪو لهي چڪو هو. ربيع الاول جي 12 تاريخ جو چنڊ گهٽائن ۾ گهاٽون ماٽون، عزيز جي ذهن وانگر. هن ڊگهو گهرو ساهه کنيو ۽ ڪر موڙي ڪرسيءَ تان اٿيو. ڏاڪڻ تان لهي هيٺ آيو. هُو فيصلو ڪري چڪو هو. پهريون پيار پهرين شادي پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان.

◉

## جهڙو ماڻهو تهڙو ناٽو...

* خوبصورتي منهنجي ڪمزوري آهي. خوبصورت ماڻهو عورتون، ڇوڪرا، ٻار، خوبصورت جانور، پکي، مڇيون، خوبصورت گل، پوپٽ ۽ پارڪ. خوبصورت منظر، نظارا، پهاڙ آبشار هريالي، وڻ ۽ واديون، خوبصورت ڏنديون ڏورا، خوبصورت ڳالهيون، شعر، نغما، غزل، وايون گيت، ڪهاڻيون، ناول ۽ خوبصورت نظريا ۽ عملَ. منهنجي خواهش آهي ته پنهنجي گهر، پاڙي ۽ آس پاس سان گڏ سڄو جڳ جهان خوبصورت هجي. ظاهر آهي ته اِهو ڪم اڪيلي سر ته ڪنهن کان ڪونه ٿي سگهندو پر پوءِ به خوبصورتيءَ لاءِ ڪجندڙ هر قدم جي پنهنجي پهچ آهر پذيرائي ضرور ڪرڻ گهرجي.

* مون کي روشنيءَ سان پيار آهي. سج جي روشني، چنڊ جي روشني، تارن جي روشني، بجليءَ جي روشني، گئس جي روشني، ڏيئي جي روشني، علم جي روشني، عقل جي روشني، ڏاهپ جي روشني ۽ سچ جي روشني، روشنيءَ ۾ الاهي شيون پنهنجي اصليت سميت واضع ۽ چٽيون ڏسي سگهبيون آهن.

* اڪثر ماڻهن وانگر منهنجي به اِها خواهش آهي ته نيڪيءَ جي بدلي ۾ يلي نيڪي نه ملي پر گهٽ ۾ گهٽ بديءَ جا الزام ته نه لڳن. پر اُها خواهش ئي ڪهڙي جيڪا پوري ٿئي!

* "هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو هر ڪا دل هيرن کاڻ." سنڌ جي پلوڙ شاعر تنوير عباسيءَ چيو هو. ڪنهن ٻئي پڇيو هو. "ڇا مير جعفر، مير صادق، نائون مل، هٽلر، چنگيز ۽ ضياءَ الحق جهڙا ماڻهو به موتي داڻا آهن؟!"

آهن ۽ پنهنجي ئي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ لاءِ ڦوروئن ۽ لٽيرن کي وڌيڪ مضبوط ڪندا آهن.

❋ آءٌ 1979ع ۾ ٽر گهمڻ ويو هوس. "ڪُنري" پرسان منهنجو دوست يار محمدِ خاصخيلي رهندو هو. اُن سان گڏ "هيراڙ" کان بہ اڳتي محمد خان انڙ جي ڳوٺ تائين ويا هئاسين. ان سفر دوران منهنجي اکين هڪڙي ڪهاڻيءَ جو مشاهدو ڪيو هو. مون اُها ڪهاڻي 1994ع ۾ لکي هئي. "تاريلي" ماهوار سوجهرو ڪراچيءَ سميت ٽن چئن هنڌن تي ڇپي هئي.

مون 1957ع ۾ ڏڙو جي مڊل اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي. چار درجا انگريزي اتي پڙهيو هوس. انهيءَ عرصي دوران هڪڙي ڪهاڻيءَ جنم ورتو هو. تڏهن اجا آءٌ ڪهاڻيون ڪونہ لکندو هوس. مون 1980ع کان وٺي اُن ڪهاڻيءَ کي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ہ ٽي پيرا ڪهاڻي لکيم. ڪڏهن اڌوري رهجيو وڃي. ڪڏهن اڌ کان گهٽ لکجي تہ رهجيو وڃي. هڪ پيري تہ مڪمل بہ ڪري ورتم پر دل مطمئن نہ ٿي. مسودو رکي ڇڏيم تہ ٻن ٽن مهينن کان پوءِ پڙهندو سانس. پوءِ جيڪي ڪميون پيشيون سامهون ايندين، تن کي درست ڪبو. آءٌ اڪثر ايئن ئي ڪندو آهيان.

1996ع ۾ پراڻي گهر مان شفٽ ٿي نئين گهر ۾ آياسين تہ اُهو مسودو ۽ اُن سان گڏ مرحوم سائين اڪبر شاهہ جا مون ڏانهن لکيل خط بہ الاجي ڪٿي گم ٿي ويا. اجا تائين اُها ڪهاڻي منهنجي ذهن ۾ متڙڪا پئي هڻندي آهي. پر اڃ تائين بہ آءٌ اُها ڪهاڻي لکي ڪونہ سگهيو آهيان.

اُن اڌ صدي پراڻي ڪهاڻيءَ جي هيروئن جي جهلڪ 2004ع جي پڇاڙيءَ ۾ مون کي تعلقي ڪيٽي بندر جي هيڊ ڪوارٽر "ٻگهاڻ" جي رورل هيلٿ سينٽر جي هڪ ليڊي هليٿ ورڪر جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ آئي آهي. نيڻ نقشا، قدبت، جوڀن جولان، پريل بدن، چنچلتا، شوخي، اکين جي گهُور، ڪنوار پٽي جي سڳنڌ ۽ پيو بہ سڀ ڪجهہ ساڳيو هوبهو. پر، پر آءٌ ان تي بہ ڪهاڻي لکي نہ سگهيو آهيان.

جولاءِ 2006

⊙

# بنهہ ايئن!

ڪٽڪ جي لاٻاري تي اُپرندي ويا هئاسين. (ڏڙو جي ترجا ماٺهو ٽنڊو محمد خان ماتلي، ٽنڊو غلام علي، تلهار، ٽنڊو باگو واري تر کي "اُپرندو" چوندا آهن.) لاٻارو هليو پئي. رمضان جومهينو هو. گرمي هئي. هڪ ڏينهن مونکي ڳوٺان نياپوآيو تہ ننڍڙو لڏو نيڪ ڪونهي. سو آءٌ پين همراهن کي ڇڏي ڳوٺ روانو ٿيس. 10۔11 وڳي تائين لاٻارو ڪري پوءِ وهنجي ڪپڙا بدلائي نڪتس. پڪي روڊ تي پهچي سواري هٿ ڪرڻ کان اڳ مون کي اٽڪل ٻہ اڍائي ميل پنڌ ڪرڻو هو. ان ڏينهن زَل ڪاڙهو هو. روزو آءٌ ڇڏيان ڪونہ. ٻن اڍائي جو ٽيم هجي. پنڌ پيو اچان. منهنجو وات سڪي ويو هو. اڌ ڪان ٿورو جهجهو پنڌ ڪري آيو هوس. گاڏا واٽ وٺيو پيو اچان. هڪڙو گهاٽو ٻير جو وڻ ڏٺم. سوچيم تہ ٿورو ويهي ساهہ پٽيان، پوءِ وري ڇڪيان پنڌ کي. بدن پگهر ۾ شل هو. آءٌ ٻہ ٻيرڏانهن لڙيس. تہ الهندان ڏٺم تہ ٻڪرين جو ڇڱو موچارو ڌڻ ٻہ وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهڻ لاءِ ڀڄندو پئي آيو. ڌڻ جي پٺيان هڪڙي مائي لٺ کڻيو پئي آئي. ٻڪريون ٻہ اچي وڻ وٽ پهتيون ۽ آءٌ ٻہ اچي وڻ وٽ پهتس. مائيءَ جو ڌارئين ماڻهوءَ کي ڏٺو سو ٿورو هبڪي. پر پوءِ آهستي آهستي پيرڙيون کڻندي اچي ڇانوَ ۾ ٻيٺي. مائي ڪا پوڙهي ڪانہ هئي، پر 24۔25 سالن جي پلوڙ جوان زال هئي. منهنجي ٻہ جواني هئي. آءٌ هڪ پاسي تي ڇانوَ ۾ وڏي ڪڙي تي ويهي رهيس. هڪ اڌ ڀيرو اک کڻي ڏانهس نهاريم تہ لڳو تہ هن ٻہ مون ڏانهن پئي نهاريو. ائين ٻہ ٽي ڀيرا

آخرڪار مُنيون پڪوڙي اکيون پوري ونيو ٿو سراڙو وجهان. اندازي سان ويجهو پهچي جيئن ئي بسم الله چئي ٿي پڌ ڌنم تيئن ڪنهن نرم شيءِ تان پير ترڪي ويو ۽ پنهنجي زور ۾ ٽنٽي وجي ڦهڪو ڪيم. في الحال هوش ئي اڏامي ويو. پوءِ جيڏي مهل سُرت ۾ آيس ته محسوس ٿيو ته ڪنهن گپ جهڙي نرم شيءِ ۾ مُنهن وجي لڳو هو. جنهن سان سڄو مُنهن راڳجي ويو هو. ڏپ مان معلوم ٿيو ته مينهن جو ربڙو ڇيٽو هو. اصل ۾ اِهو جن، ڀوت يا غيبات نه پر سارين جا پن کائيندڙ مينهن جو ڀنڙو بوسو هو جو سڄي ڀنڙيءَ تي پکو وڇايو پيو هو ۽ آءٌ اُن ۾ وجي منهن ڀرڪريو هوس. ڪِرڻ مهل اوبلائيءَ ۾ مون ڪا رڙ نڪتي هئي سا اوئن جي ڳوٺ وارن پڻ ٻڌي هئي. جيڏي مهل پاڻ سنياليم ۽ خبر پيم ته بوسي ۾ ترڪي ڪريو آهيان، تڏهن ڏاڍو ڦڪو ٿيس ۽ ڪپڙن سوڌو وڃي واهه ۾ ڪِهڙيس.

3- سيپٽمبر 2006

◉

# غيبات نہ پرات..!

1962ع جو زمانو هو. تڏهن آءٌ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ پڙهندو هوس. گرمين جي ويڪيشن ۾ ڳوٺ آيو هوس. دڙو شهر جي مشهور شخصيت ”مرحوم ماما صلاح سائيڪلين وارو“ اسانجو بنهہ ويجهو دوست هو. پهريائين درزي هو. پوءِ سائيڪلين جو دوڪان کوليائين. ڏينهن جو سڄو ڏينهن ڏنڊو ڪندو هو. ٽئين ڏينهن يا چوٿين ڏينهن سائيڪل تي چڙهي بنوري ويندو هو. اتي سندس ساهراڻا بہ هئا تہ خيرپوري ميمڻ دوست بہ هئس. ڪڏهن ڪڏهن آءٌ بہ ساڻس گڏجي بنوري ويندو هوس. دڙو کان بنورو وچڻ مهل رستي ۾ آءٌ پنهنجي گهر رات جي ماني جو چئي ڇڏيندو هوس. جيڪا موٽڻ مهل اسين ٻئي گڏجي کائيندا هئاسين. تڏهن دڙو — بنورو روڊ اڃا ڪچو هو ۽ آبڪلاٽي جي موسم ۾ تہ پاڻيءَ هيٺ اچي هر ٽريفڪ لاءِ بند ٿي ويندو هو. پوءِ ماڻهو محمودا واهہ جي پٽڙي ڏيئي در ملوڪ شاهہ تائين ايندا هئا. ۽ اتان کان پوءِ اُتان نڪرندڙ ٻن واهن بنورو واهہ ۽ شاهہ واهہ جي وچ واري پٽڙي وٺي بنوري جي اچي موريءَ تائين ايندا هئا ۽ اتان پوءِ پڪو روڊ وٺي بنوري پهچبو هو. اُن زماني ۾ قرلٽ، ڌاڙا، بشني گيري ۽ دهشتگردي ايتري ڪانہ هئي. جڏهن بہ بنوري وڃبو هو تہ اتي يارن دوستن سان مارڪو ڪري چانهہ مٺائي کائي بہ اڍائي ڪلاڪ ترسي واپس ٿبو هو. رات جو ڏهين، يارهين وڳي بہ موٽبو هو تہ ڪنهن قسم جو ڏپ ڏاءُ ڪونہ هوندو هو. ايتريقدر جو دڙو جا ڪيترا دوست گڏجي سائيڪلين تي حيدرآباد ويندا هئا. دڙو کان حيدرآباد هڪ سئو ڪلوميٽر جو فاصلو آهي. ماما صالح ۽ سندس دوست مرحوم وڪيو ڏرائيور، غلام

سان اٺ چرڪ پري هڪ پاسي تي ويو ۽ اسين سائيڪل ڪٽي هليا آياسين.

ٻئي ڏينهن دڙو پهتس ته تقريبن هر سچاڻو ماڻهوءَ جي وات ۾ اها ئي ڳالهه هئي ته "رات ماما صالح جن کي غيبات گڏي هئي." مون وضاحت ڪرڻ چاهي ته "بابا اُها غيبات نه پر اٺ هو جيڪو منهنجي ڪڙي لڳڻ ڪري هتي ويو هو." پر چاڪاڻ ته آءُ ننڍو هوس ۽ ماما سريال هو. تنهنڪري منهنجي ڳالهه تي ڪنهن به اعتبار ڪونه تي ڪيو. سڀ ڪنهن ماما صالح جي ڳالهه سچي مڃي ته "غيبات اُٺ جي شڪل ۾ رستو روڪيو بيٺي هئي ۽ ماما صالح جي آيت الڪرسي پڙهڻ سان مس مس گس ڇڏيو هٽائين."

اُن ڳالهه به تي ڏينهن ته مرڳو تر ۾ هراس پکيڙي ڇڏيو هو ۽ ماما صالح ته مرڳو به تي مهينا بنوري وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو هو.

3۔ ڊسمبر 2006

◉

# اسين وڻنا آهيون نہ!

"بابا، هن مائيءَ جو وارث ڪير آهي؟" ليبر روم مان نڪرندي ڊاڪٽرياڻيءَ ٻاهر ويٺل مردن ۽ عورتن کان پڇيو.

"جي بابا، اها منهنجي گهرواري آهي. هڪ اڌڙوٽ عمر جي قداور مڙس اُٿي وڌي چيو. تيستائين ٻيا مرد ۽ عورتون بہ ڊاڪٽرياڻيءَ ڪي چوڌاري ڦري ويا.

"توهان مون سان گڏ اچو." ڊاڪٽرياڻيءَ ان مردکي چيو ۽ پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي. هٿن تان هينڊ گلوز لاهيندي واش بيسن ڏانهن ويندي ان همراه کي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. صابڻ سان هٿ صاف ڪري ٽوال سان اگهندي اچي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺي.

"توهان جو نالو ڇا آهي؟"

"نبي بخش." منهن تي مايوسي ڇانيل مرد مختصر جواب ڏنو.

"رهائش ڪٿي آهي؟"

"ڪارو ڇاڻ کان بہ پريان." وري بہ مختصر جواب مليو.

"بابا ڳالهہ هيءَ آهي تہ توهان جي گهرواريءَ جو ٻار پيٽ ۾ بہ ڏينهن اڳ گذاري چڪو آهي. توهان هتي اچڻ ۾ ڏاڍي دير ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن ٽي ڏينهن اڳ اچو ها تہ شايد ٻار بچي پوي ها. پر خير، حياتي موت تہ الله جي هٿ ۾ آهي."

"پيڻ توهان ٺيڪ ٿي چوين. هڪ تہ اسان ڪي دائيءَ آسري ۾ رکيو هو. پيو تہ ٻن ڏينهن کان اسانجي ڳوٺ کان ڪو هوڙو ڪونہ پئي آيو. توهان ڪي

جي ايمبولينس به صبح جو فجر مهل مريض کڻي ڪراچي ويل آهي. جي اُها پهچي ٿي وڃي ته پوءِ گاڏيءَ جي پارٽي ڪان بچي ويندو. پر تيستائين مائيءَ ۾ سهپ بنهه ڪانهي. تنهن ڪري بابا، مهرباني ڪري مائي بچائڻي اٿو ته هڪدم ڪيس ڪٽي وڃو.“

”امان مون چيو نه ته اسين ڪراچي نٿا وڃي سگهون. اسان وٽ پئسا آهن ئي ڪونه. باقي تون ڪوشش ڪري هتي ويم ڪرائي. جي حياتي هوندي ته بچي پوندي. پر جي هيڏانهن ڳ هوڏانهن ، ته به توتي ميار ڪانهي. اسان جو مقدر ڪٽي. تون چئين ته اسين توکي لکي ڏيون ته اسين تنهنجي خلاف ڪجهه به ڪونه ڪنداسين.“

”پر بابا، هيءَ ته هٿ وٺي خون ڪرڻو ٿيو. اسين ڊاڪٽر ته حياتي بچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. سو ڪنهن جي حياتي ڏسي وائسي ڪيئن داءَ تي لڳايون. توهان مهرباني ڪري ڳالهين ۾ وقت ضايع نه ڪريو. وڃي ڪو بندوبست ڪريو. هڪڙو هڪڙو سيڪنڊ مائيءَ لاءِ ڏاڍو قيمتي آهي. ايئن سستي ڪيَوَ ته مائي مري ويندي. توهان ڳالهه سمجهو ڇو نٿا؟“

ڳالهائڻ تورا وڏا ٿيا ته ٻاهر بيٺل مرد ۽ مايون به اندر هليا آيا. اُهي به رڳو منٿون پيا ڪن ته مائيءَ کي هتي ئي ويم ڪرائي. اسان وٽ پئيسو ڪونهي، ڪراچيءَ نٿا وڃي سگهون. ڊاڪٽرياڻيءَ وري به سيني کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻيو مڙيئي ٿيو خير. وارثن جو اهو ئي ضد ته ويم هتي ٿئي. پوءِ مائي مري يا بچي، سو ڪو مسئلو ئي ناهي. هنن جي مجبوري اِها هئي ته وٽن پئسو ڪونه هو. ڊاڪٽرياڻيءَ جو مؤقف به ڇٽو ۽ ليگل هو. مائي جي مرڻ جا امڪان سئو سيڪڙو هئا. مائيءَ جي حياتيءَ بچائڻ جا ڪلينيڪل اپاءَ موجود ڪونه هئا. جن ۾ مکيه رت چاڙهڻ جو مسئلو هو. ان صورت ۾ غير ضروري رسڪ کڻي هُن پنهنجي لاءِ ڏچو پيدا ڪرڻ ڪونه پئي چاهيو. ڇو ته ڊاڪٽرياڻي هتي جي اڻ پڙهيل ۽ عقل ڪان وانڊن وڏيرن ۽ بليڪ ميلر اخباري رپورٽرن جي بيهودي رويي جو اڳ به هڪ ٻه ڀيرا شڪار ٿي چڪي هئي. مريضه جي وارثن ايم ايس سان

چسڪو چکندا رهندا آهن. تنهن ڪري اُن ڳالهہ جو ڪيس گهڻو ڪو اونو يا ڏپ ڪونہ هو. البت هئي امڪان ڪيس مُنجهائي وڌو هو. سوچيائين: 'خبر ناهي هي ڪير آهي. هٿ ۾ ڊائري ۽ ڪلهي ۾ ڪئميرا مان سندس اخباري رپورٽر هجڻ جا امڪان چٽا پيا ڏسجن. ۽ ها، لڳي بہ جهڙو ڪر سچاتل پيو. ڪٿي مليا آهيون! ها، شايد نواب شاهہ ۾. ها پيو. پڪ ئي پڪ. مون کان انٽرويو ٽي ورتائين. ها، اهو ساڳيو. پر هتي ڪيئن؟ خبر ناهي ڪهڙو ارادو اٿس. بندوبست ڪرڻو پوندو. ائين نہ ٿئي جو مرڻو منهنجي درويشيءَ جا پول پڌرا ڪري وجهي.'

سج لهڻ وارو هو. قوالن پنهنجي قوالي بند ڪئي. زائرين جو انگ گهٽجڻ لڳو. باقي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو درگاهہ ۾ موجود هو. ٻيا سڀ ماڻهو زيارت ڪري، فقير کان دعا وٺڻ ۽ گيلريءَ ۾ ويهي آس پاس جا دلڪش پهاڙي منظر ڏسڻ کانپوءِ مختلف واٽن تان هيٺ لهي رهيا هئا. جڏهن آخري زيارت ڪرڻ وارو ماڻهو بہ هيٺ لهڻ لڳو تڏهن ڪدڙي فقير مون کي ڪنڌ جي اشاري سان پاڻ ڏانهن سڏيو. ويهڻ جو اشارو ڪيائين.

"ڪيا چاهتي هو؟" ڪدڙي فقير ساڳي سنجيدگيءَ مان پڇيو.

"تون ڇا ڏيئي سگهندين؟" اکيون اکين ۾ اٽڪائي ورائي پڇيومانس.

"جسم کپيئي يا هي ڪاڳر؟" هُن سُونديءَ ۾ پيل نوٽن ڏانهن اِشارو ڪندي پڇيو.

"موٽ ۾ توکي ڇا کپي؟" مون بہ ساڳي بي نيازي واري انداز ۾ پڇيو.

"تنهنجو خاموشيءَ سان هتان هليو وڃڻ. جيئن آيو آهين تيئن. جهڙوڪر تون مونکي ڏٺو ئي ڪونهي.

"ايئن ٿي ٿيندو پر...!"

"پر ڇا؟"

"هڪڙو واعدو ڪر."

"ڪهڙو؟"

"پنهنجو جسم ڪنهن کي بہ نہ آڇيندين!"

"ايئن ٿي ئي ڪونہ سگهندو."

پٺرن جي پڙيءَ وٽ ويهي پٺرن جي باري ۾ خوبصورت پٺاڻ ڇوڪري ڪان انهن جا نالا ۽ اگهه پڇي رهيو هوس. "اڌ ڪلو تڏو" جو ٻڌي منهنجا ڪن ڪڙا ٿيا. پلا تڏو به ڪو اڌڪلو وڪامندو آهي ڇا؟ مون کي تجسس ٿيو حيرت ٿي ۽ اشتياق پڻ آءُ هرويرو به ڪن ۾ توجهه اوڏانهن ڪري ويهي رهيس. بظاهر ڇوڪر کان پڇيم ته "هن پٿر جو نالو ڇا آهي ۽ قيمت گهڻي آهي؟" ڇوڪري ڪاروباري انداز ۾ چيو "يہ عقيق هي، اصل والا . ايڪدم اصلي سرخ عقيق. يہ دو نمبر مال نائين هي. پچاس روپي ڪا هي."

تڏن واري پٺاڻ هيڏانهن هوڏانهن لئوٽا ڦيري چيو "ملي گا ملي گا."

"ديڪهو خان لالا، ايڪ دم ايڪ نمبر مال چاهئي. ڪوئي چالاڪي نهين چلي گي."

"ملي گا، ملي گا. فڪر ڪيون ڪرتا هي، پهلي مال ديڪهو پهر بات ڪرو. ايسا مال ساري دنيا مين نهي ملي گا." ايئن چئي پٺاڻ واسڪوٽيءَ جي اندرئين کيسي مان چرس جي ٻه انچ ڊگهي راڊ ڪڍي گراهڪ کي هٿ ۾ ڏني. ڪاٺن پاتل ڳورڙي پورڙي خوبرو نوجوان، جنهن کي سوني چين ڳچيءَ ۾ پاتل هئي، چرس جو ٽڪر هٿ ۾ جهلي، کيس زور ڏيئي جانچيو. وري نڪ کي ويجهو آڻي اُن جي بوءِ سونگهي ڪوالٽيءَ جي پڪ ڪرڻ لڳو. اٿلائي پٿلائي، رنگ، بُوءِ ۽ نرمي سختي جانچڻ ڪان پوءِ پٺاڻ کي چيائين: "ديکهو لالا، ام ڪو آدها ڪلو چاهيئي، پانچ دس روپئي ڪا نائين. اگر مال مين هيرا پهيري هوئينگا تہ پوءِ معاملہ گڙ بڙ هوجائيگا."

"نائين، يہ بات نائين هي. ام سودا پڪا ڪرتا هي. ديکهو يہ سگريٽ پي ڪر ديکهو. پسند آتا هي تو مال ليو. نائين آتا هي، نائين ليو. اس سگريٽ والا مال مين اور تم ڪو ديني والا مال مين ڪوئي فرق نڪلا تو همارا ذميواري هي. بس اس سي زياده ڪوئي ضمانت نائين. ويسي ام ني ابهي ابهي نماز پڙها هي. هماري زبان پر يقين ڪرو. اي ون مال هي."

نوجوان سگريٽ دکايو ۽ هڪ ٻئي مٿان لاڳيتا ٽي چار ڊگها ڪش هڻي دونهن جا هيڪاندا ڪڪر مٿي اڏائڻ لڳو. چرس جي مخصوص تيز بُوءِ منهنجي نڪ تائين به پهچي چڪي هئي. انهن جو سودو پڪو ٿيو ۽ آءُ

”گڏ تہ برابر آهين، پر....“ جوان مڙس ڇوڪري کي ڀاڪرن ۾ اچا بہ وڌيڪ ڀيڙو ڏنو.

”پر ڇا....؟“ ڇوڪر جاڻي ٻجهي بہ لنوائي رهيو هو.

”پر....“ جوان مڙس ڇوڪري جي اڳٽ ۾ هٿ وجهندي چيو ”او هيئن....“

”نہ. ائين نہ ڪر.“ ڇوڪري پنهنجي اڳٽ هن کان ڇڏائي پنهنجي هٿ ۾ قابو جهلي انڪار ڪيو.

”ڏس، منهنڙو يار ڪونہ آن؟ انڪار نہ ڪر.“ جوان مڙس جي رت جي گردش ۾ جوش اچڻ لڳو. سندس جسم باهہ جا اُلا اوڳاڇڻ لڳو. مٿس جنسي جنون طاري ٿيڻ لڳو.

”تنهنجو يار آهيان. پر ائين نہ ڪر. مان سڄو سارو تنهنجو آن. چميون ڏي، ڇڪ وجهہ، پيار ڪر. باقي اهو بڇڙو ڪم نہ ڪر.“ ڇوڪري برجستو ئي کيس چيو.

”ائين مزو ڪونہ پيو اچي نہ.“ جوان مڙس تي حَوَس قابو پائي ورتو هو.

”ڏس، مان جي ڳالهہ ٻڌ.“ ڇوڪري جوان مڙس جي ڀاڪرن مان پاڻ ڇڏائيندي آجو ٿي چيو.“ توکي رڳو اڄ جو مزو کپي يا سنگت هلائڻي اٿئي؟“

”اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر. مان کي سنگت هلائڻي آهي، تڏهن تہ ٻارهن مهينن کان تنهنجي هر ڳالهہ پوري ڪندو پيو اچان. ۽ رڳو توسان ئي ياري رکي اٿم نہ تہ هونئن تہ بازار پري پئي آهي. پنجن ڏهن روپين تي ڇورا پيا وڪامن. پر توسان اُها بازاري سنگت ٿوروئي آ. توسان تہ سچي پچي سنگت آ. پر سچي پچي سنگت ۾ بہ هڪ ٻئي جي مرضي رکبي آ. آءٌ تنهنجي هر ڪا مرضي رکان پيو. اڄ تون بہ ڪٿي منهنجي مرضيءَ رک.“ ”پر اِها سنگت تہ ڪانہ ٿي نہ. ڪوبہ سچو دوست پنهنجي دوست جي اهڙي بي عزتي تہ ڪونہ ڪندو آ نہ.“

”اِها بي عزتي ڪانهي. اهو قرب آهي. هڪ ٻئي جي مرضي رکڻ آهي. توسان زبردستي تہ ڪونہ ٿو ڪيان نہ.“

دل جي دريءَ

”جي زبردستي نٿو ڪرڻ چاهين تہ پوءِ منهنجي اِها مرضي ڪانهي. باقي توکي هرويرو مان جو ڪارو مُنهن ڪرڻو آ، تہ پوءِ منهنجي الله واهي تئي. اج کان پوءِ پاڻ جي سنگت ختم. مون سمجهيو هو تہ تون ڪو مڙس ماڻهو آن. پر تون تہ چورن جو يار آن ۽ مان .. مان چتو چورو ناهيان.“ چوڪرو ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو تہ مون تي نظر پئجي ويس ۽ آءٌ زور سان کنگهڪار ڪري اڳتي وڌي ويس.

12 ـ جنوري 2003

◉

# مٽرساٺوانگ

”اچيئي تي ڪاني! جهلجانءِ ڏبَ. متان نہ چوين تہ ٻڌايئي ڪونہ! اسان فقراءِ سان ڪڙو ٻولينديون تہ سکيو تون پہ ڪونہ هلي سگهنديون. درويشن کان دعائون وٺبيون آهن ميان! الله لوڪن سان وير ڪونہ وجهبا آهن. هاڻي اڳٺ چڪي ٻڌجانءِ!“

چاڙڪيءَ جيڏيون مُڇون، چاپهين ڏاڙهي، جن کي تازو خضاب لڳل. ويڪرو مُنهن. وڏيون رعبدار اکيون، جن جا پيري جي ڪري پپوٽا لڙڪيل. ڊگهو قد، جيڪو هاڻي لٺ جي ٽيڪ باوجود چيلهہ وٽان ٿورو جهڪيل. ڪو سهارو وٺي بيهي تہ ونجهہ مٽرس، نہ تہ لٺ جي آڌار تي جهڪيل هلي. وڏو اصل واري جو ململ جو اڇو پٽڪو وڏي ڏهہ پوتي، جهجهن سَرَن واري سُٿڻ، وڏي چورس گهيري ۽ وڏن چاڪن واري ڪاري قميص. پير اڪثر اگهاڙا. سگريٽ مُٺ تي. نسوار بہ ڪري. چانهہ جو موالي. ڏندَ نہ هئڻ ڪري پان سو پاري سندس شوق کان خارج ٿي چڪا هئا. هي هو عالي ماڇي. ستر ورهن جو پير مرد. پاڻ ٻڌايو هئائين:

عالي ماڇي، ٻالڪپڻ ۾ يتيم ٿي ويو هو. چاچهينس جي ٽڪرن تي پليو هو. سندس چاچي ساٽس پهرئين ڏينهن کان نہ نهي تہ پچاڙيءَ تائين نہ نهي. ٺُڪَ ٻُجو، مارَ موچوڙو سُڪل ٽڪر کٽي لسي ۾ اوير سوير ڪا ئي مٽرس ٿي پيو. شروع کان وٺي چاچهينس. ڊورن سان روانيس. پوءِ جيئن جيئن وڏندو ويو تيئن تيئن ڪم بہ وڌندا ويا. ٻهراڙيءَ ۾ رهندي هارپو ڪندي جيڪي ڪم ڪرڻا ٿا پون سي سڀ هُن ڪيا. مُڇين جي ساوڪ مٿئين

ڪهاڙيءَ ۾" ٻُل چڙهي سو ٻُل جو پُٽ. ڪيس ٻُل لڳو ناهي همراه ڪم لاٿو ناهي. جڻ اِها سنڌس ڪِرتِ تي چڪي هئي. جهلجي، ٻڌجي، ڪُٽجي، پُورجي، پر وري جي. ٻاهر اچي تہ اڳي ڪان اڳرو هاڻي ٽاٽي وارا بہ گهڻو سجاڳي ويا هئس. انهن جي ڏهہ آني، ڇهہ آني پرڻ ڪانپوءِ ڪيس ڪجهہ ويسنڌ ملي مار موچڙي ۽ ٻڌجڻ پُورجڻ ڪان.

چاچهينس جي 2 چوڪڙيون ڪٽت ڪنيل زمين،جيڪا هو ويهن سالن ڪان آباد ڪندا پئي آيا. ڪنهن پنجاب جي چوڌريءَ چار پنج قسطون نہ پيارڻ کي بنياد بنائي، زمين رد ڪرائي، مَنجهہَ گُجهہ ۾ پنهنجي نالي ڪٽت ڪرائي چڙهي ۽ اچي لٺ ڪٽي ويهي رهيو تہ زمين خالي ڪريو. چاچهينس غلام ماڇيءَ ۽ سنڌس پٽن، ڀين مٽن مائٽن، پاڙي وارن، ترجي سريالن، گهڻي ئي زور بار لاٿا. بيراج مختيار ڪار، روينيو آفيسر ۽ ايڊيشنل ڪمشنر تائين درخواستون، تارون، لکپڙهہ پر ڀيو مڙيئي ٿيو خير. عالي ماڇي سموري ڄاڻ رکندي بہ اڻڄاڻ ٿيو پيو هلندو هو. پوءِ نيٺ جڏهن پنجابي چوڌري غلام کي سوڙهي هٿين پيو ۽ غلام بہ قبضو خالي ڪرڻ ڪان سواءِ ٻي ڪا واهہ نہ ڏٺي. تڏهن هڪ ڏينهن، ڏينهن ڏٺي، وچ شهر ۾ سوين ماڻهن جي اڳيان خبر ناهي ڪير پنجابي چوڌريءَ کي ڪهاڙين جا مسلسل وار ڪري قتل ڪري ائين گم ٿي ويو جو ڪنهن کي خبر ئي ڪانہ پئي، تہ ڪير هو ڪٿان آيو هو ۽ ڪيڏانهن هليو ويو. همراه کي ٻُٽ ٻڌل هو. تنهن ڪري ڏسندڙن بہ ڪيس سڃاتو ڪونہ. ڪنهن هڪ اڌ جي واتان رڳو اِها ٻڙڪ نڪتي تہ "پانيان ٿو تہ ڪر عالي ماڇي هجي پر پڪ ڪانهي." اِها ڳالهہ ڪندڙ ماڻهو بہ ٽاڻي تي هلي شاهد ٿيڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار ڪونہ هو. پر وڏي ڳالهہ تہ عالي ماڇي هفتي ڪن ڪان ٽاڻي جي لاڪپ ۾ پوريل هو ۽ اهڙي داخلا ٽاڻي جي رڪارڊ ۾ موجود هئي. چوڌرين شڪ ۾ غلام ۽ سنڌس پٽ لڪايا پر انهن جي بہ اوڏيءَ مهل ترجي سريال جي اوطاق تي فيصلي ۾ موجودگيءَ جي شاهدي خود سريال ڏني ۽ پنجاه سٺ ٻيا ماڻهو بہ شاهد هئا. خير چوڌري مري ويو ۽ سنڌس مائٽ زمين تان هٿ کڻي پٺجي ويا. جڏهن ماٺ مانوڙو ٿيو. تڏهين ٽاڻي جي صوبيدار غلام ماڇيءَ کي

ڪهاڙيءَ سان ڪم هلائيندا هئا. هن وٽ بہ هڪ پلوڙ ڪهاڙي هئي.
آسمان تي يارهين تاريخ جو چنڊ چمڪي رهيو هو. بہ ميل پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ڪيس هڪڙو وڏو اٽڪل ڪري سؤ فوٽ ويڪرو واهہ اُڪرڻو هو. ڪيس اُن تڙ جي بہ چڱيءَ طرح خبر هئي جتي ماڻهن پنهي ڪنارن تي بيٺل وڻن جي ٽڙن ۾ تلهي لوهي تار ٻڌي ڇڏي هئي، جنهن کي جهلي ماڻهو ان واهہ مان اڪرندا هئا. جنهن ماڻهوءَ واٽ تان هو آيو هو تنهن ڪيس سڌ پنڌ ڪن پري اُن تار کان اولهہ طرف ڇڏيو هو.تنهن ڪري هُو اهڙو ڪنارو ڪنارو ڏيئي اوڀر طرف هلڻ لڳو تہ جيئن اُن واهہ مٿان ٻڌل تار وٽ پهچي ۽ اتان واهہ اُڪري. هُو سنڀاليندو قدم کڻندو هلندو پئي ويو. سانوڻ جا ڏينهن هئا. واهہ پاڻيءَ مان ڪنن تائين تار هو. يارهين جي چنڊ جي سهائيءَ ۾ رات جي سناٽي ۾ جهنگلي جيوت جي مختلف چرڙاٽن کان سواءِ ٻيو ڪنهن بہ قسم جو آواز ڪونہ پئي آيو.

جيڏي مهل عالي اُن تڙ کي ويجهو پهتو جتي تار ٻڌل هئي، تہ ڪيس پاڻيءَ ۾ مان ڪجهہ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ائين پئي لڳو ڄڻ ڪو ماڻهو پاڻي مان اورئين پر تار کي جهليو اچي رهيو هو. هُو احتياط ڪري ٿاري جو ٻوٽو منهن ۾ ڏيئي، ٻيهي جانچڻ لڳو تہ آخر معاملو ڇا آهي. هن ڏٺو تہ ڪو ماڻهو آهي، جنهن کي ڪپڙن جي هڙ مٿي تي ٻڌل آهي. ۽ جيڪو تار کي جهليو ڪناري ڏانهن اچي رهيو هو. اهو ماڻهو جڏهن ڪناري جي ويجهو پهتو ۽ جڏهن پنهنجا پير ڌرتي تي کوڙي بيٺو تہ هُن جو چيلهہ کان مٿيون ڌڙ پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري آيو. عاليءَ چنڊ جي روشنيءَ ۾ چٽيءَ طرح ڏٺو تہ پاڻيءَ ۾ موجود ماڻهو مرد نہ پر هڪڙي عورت هئي. هوءَ ٻنهہ قداور ۽ زوراٽي زال پئي لڳي. سندس سچيءَ چينيءَ جهڙو سفيد بدن چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ پاڻيءَ جي اولڙي ۾ چمڪي رهيو هو. سندس اُڀريل ڇاتيون اگهاڙي بدن تي ڪيئن تي لڳيون.... آهہ ...... سبحال الله.هوءَ سچي پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري آئي. ڇهن فوٽن کان بہ نڪرندڙ قد، ڳٺيل بدن، الا! ڇا تہ قادر جي قدرت هئي! هُن پير ڌوئي، مٿي تي ٻڌل ڪپڙن جي هڙ کولي ڪپڙا پاتا. مرداني وڏي سٿڻ، مرداني قميص ۽ سندس چيلهہ تائين ڊگهي چوٽيءَ کي ويڙهي

# نيٺ تہ ڪٿندو پنڌ!

لاڙڪاڻي کان حيدرآباد لاءِ بلو لائين بس سروس ۾ سيٽ بُڪ ڪرائي هئم. مختلف هنڌن تي تنظيمي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ هفتي کن کان لاڙڪاڻي ضلعي جو دؤرو ڪري اڄ واپس حيدرآباد پئي ويس. بس جي وقت کان ڏهہ منٽ اڳ اچي بس جي اڏي تي پهتس. مون کان اڳ ۾ ئي بس پوري پئي هئي. ڪجهہ همراهہ هيٺ بيٺا هئا ۽ هَر هَر پئي پنهنجي گهڙيءَ ۾ وقت ڏٺائون. مون ڪيسي مان ٽڪيٽ ڪڍي پنهنجو سيٽ نمبر ڏٺو ۽ بس ۾ چڙهي پيس. پنهنجو نمبر جانچيندو هڪ خالي پيل جاءِ وٽ پهتس تہ منهنجي پر واري سيٽ تي ويٺل همراهہ مون کي ڏسي اٿي بيهي رهيو ۽ مون کيٰ پاڪر پائڻ لاءِ پنهنجون ٻانهون ٻکيڙيندي چيائين: "اچو سائين وڏا اچو ڀلي ڪري آيا، ڀلي ڪري آيا. يارا شابس اٿوا لاڙڪاڻي اچو ٿا ۽ ايئن پاسو پاسو ڏيو هليا ٿا وڃو. رڳو مُنهن ڏيکارڻ بہ ڪونہ ٿا اچو." "اڙيا سڄڻ تون پاڻ!!" سڄڻ جي ڏکي ڀليڪار ۽ ميار جي موٽ ۾ مون رڳو ايئن چئي ڪٽي ڪيس ڀاڪر وڌا ۽ پوءِ ڪيترو وقت بس ۾ ويٺل مسافرن جي تجسس ڀريل نگاهن کان قطع نظر اسين هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾ ئي ڀڪوڙيل رهياسين. سالن کان پوءِ جو مليا هئاسين. سيٽن تي ويهاسين تہ خوش خيرعافيت پڇڻ سان گڏ شڪايتن ۽ ميارن جي ڏي وٺ بہ ٿيندي رهي. ڏهہ منٽ گذرندي ويرم ئي ڪانہ ٿي. بس پنهنجي سفر تي رواني ٿي چڪي هُئي. اسان ٻئي جٽا جيئن خبرن ۾ پياسين تہ خبر ئي ڪانہ پئي تہ حيدرآباد جو ڏگهو سفر ڪيئن ختم ٿي ويو. مون زور ڀري سڄڻ کي رات پاڻ وٽ رهڻ لاءِ راضي ڪيو ۽ جاءِ تي پهچي باقي خبرون

"ادا سانوڻ! مان پوگ ڪونہ ٿو ڪريان، بنھ سنجيندو آهيان، تون پاڻ چئو ڇا مليو آهي پاڻ کي؟ پندرنهن ويهن سالن جي جاکوڙ کان پوءِ بہ جڏهن مون پنهنجو پاند خالي ڏٺو نہ گهر نهيو نہ ٻارڙن کي جوڳي تعليم ملي سگهي ۽ نہ ئي معاشري ۾ ڪا جاءِ والاري سگهياسين. جنهن کي ٿاهيو جوڙيو اڳيان آٽيون، سو پنهنجا ٽيڙ ٿاهيو اِهو ٿو وڃي. جنهن کي اڳواڻ ڪريون سو جيسين بکيو آهي تيستائين ڀلي ڀلي، پر هٿ پير هٽيو پنهنجي حيثيت ۾ ملڪيت ٺاهيو تنظيم ڇڏيو ڀڄيو وڃيو وڏيرن جي ڪڇَ ۾ ويهي. نظر ڪري ڏس اَنُو اِسُو شيرو حسين، قاسو مولو، ظفر، نِظُو ۽ ٻيا ڪيترائي. ڪيترن جا نالا ڪڻجن. سيئي پنهنجي ٺاهيل ٽيڙن جي بچاءَ لاءِ "نظرياتي اختلاف" جو ڍونگ رچايو ڀڄيو وڃن. باقي رهيا تو ۽ مون جهڙا ڳوپ ڪارڪن، جن زندگيءَ کي خوبصورت بنائڻ جا سڀ موقعا وڃائي ڇڏيا. دنيا جون لذتون، حسين خواب، محبت سان ڀريل مٺي رس جا جام، چاهتن جا چس ۽ الاءِ ڇاڇا. شرافت اسان جي ڳچيءَ جو نوڙ بڻجي ويئي. اسين نالي ۾ نهال، بکون ۽ پنڌ اسان جو مقدر. پر سيني ڳالهين جي باوجود بہ وريو سريو ڇا!؟ جنهن مسڪين سنڌي عوام لاءِ هيڏا سارا پاپڙا پٽياسين، جن هارين ۽ پورهيتن لاءِ جيل ڪاٽياسين، وڏيرن ۽ سندن دلالن، پوليس ۽ مارشل لاءِ جي لانگ بوٽن جون تعديون سٺيونسين سي شريف ماڻهو ووٽ وري وڃيو وڏيرن کي ڏين. وڏيرن ۽ راشي ڪامورن جا پٽ قومي پرستي ۽ ترقي پسنديءَ جي ڪوڙي نعري هيٺ ڏاڙيل ۽ دهشتگرد بڻجي اسانجي سموري سنڌي قوم جي عوامي اُڀار ۽ جاڳرتا جا ترا ڪڍي هٽرادو ليڊر بڻجي ايجنسين وٽ وڪاءُ مال ٿيا ويٺا آهن. وڏيرڪي گهري سازش تحت عوامي شعور ۽ سجاڳيءَ جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻڻ لاءِ هٽرادو پاڪيٽ تنظيمون ٺاهي عوامي ٻڌيءَ کي پاش پاش ڪيو ويو. حد تہ اُها آهي جو اُها پ پ پ ، جنهن جي باني اڳواڻ پٺي کي قاسي جي ڦندي مان بچائڻ لاءِ عورتن جا جلوس ڪڍي احتجاج اسان ڪيو تنهن جا جيالا وري اُهي ٿيا ويٺا آهن، جن آمر ضياءَ جي ريفرينڊم ۾ اسانجي ديھ جي چوڏهن سئو ووٽن مان چوڏهن سؤ ووٽ آمر ضياءَ جي فاعدي ۾ پاڻ ٺپا هڻي ڏياريا

هٺائون. اڄ اُهي ساڳيا جيالا وري نوڪريون ڀ انهن ٿي ضياءَ جي حمايتين کي وڪرو ڪريو پيا ڏين.

وڏيرن وڏي عقلمنديءَ ۽ چالاڪيءَ سان سنڌ جي آزاديءَ جو ڍونگ رچائي، شاگردن کي خرچي ڏيئي، خريد ڪري، ڪُجهه ۽ ڪلاشنڪوف هٿ ۾ ڏيئي پنهنجا ئي ڪونڌر ڪهايا هڪ طرف، ته ٻئي طرف وري جيل ڀرايا. انهيءَ سازش تحت سنڌي قوم جي وڏندڙ ٻڌي ۽ طاقت کي ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ڇوڏو نه ڇوڏي پيڙو ڪري هڪ طرف مسڪين عوام جي ڦرلٽ ته ٻئي طرف سندن ناجائز حاڪميت برقرار رکڻ لاءِ ڪيئن سانگ رچائي سنڌي ماڻهن کي اهڙي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي، جتان سنئين لڱين بچڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. سو بيلي! ڳالهيون اتئي سچيون، مان ته همت هاري ويٺو آهيان. مونکي ڪو به سوجهري جو ڪرڻو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. تنهنڪري پاڻ ته يار، هاڻ رڳو پنهنجيءَ ۾ پورا آهيون. عوام ڇاڻي عوام جو ڪم. اسان بس ڪئي."

"ادا سجڻ! آءٌ تنهنجي بيان ڪيل صورتحال جي ترديد ڪونه ڪندس. وڏيرن جي باري ۾ تو جيڪو ڪجهه چيو آهي، وڏيرن ۽ سندن چاڙتن اُن کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ سنگين ڏوهه ڪيا آهن، ڏوهه ڪن پيا ۽ انهيءَ روش تان دستبردار ٿيڻ جو ڪوبه ارادو ڪونه اٿن. هُنن ته اصل کان وٺي سنڌي ماڻهن جي ڀيڙي هٿ وٺي ٻوڙي آهي. هو ته چاهين ٿي نٿا ته ڪو سنڌي ماڻهن ۾ عقل ۽ شعور اچي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته سندن ناجائز ڦرلٽ بند ٿي ويندي. تنهن ڪري اُهي هر حيلي ڀ پنهنجي بقا جي جنگ وڙهندا. ته پوءِ ڇا اسين کين ميدان خالي ڪري ڏيون! هٿيار ڦٽا ڪري سندن فتح تسليم ڪريون!! سندن ناجائز ڦرلٽ، جبريت ۽ ظلم کي جائز قرار ڏيون!!! ڇا اِها مراد آهي تنهنجي گوشه نشينيءَ مان!؟"

"نه سانوڻ نه! منهنجي اِها مراد ناهي، وڏيرن، سندن چاڙتن، دلالن ۽ قوم جي غدارن خلاف جنگ جاري رهڻ کپي. اُهي ئي ته سنڌي قوم جا اصل ويري آهن. اسانجي سمورن مسئلن جو مکيه سبب اُهي ئي ته آهن. سنڌ کي ون يونٽ ۾ ڏيڻ جا، ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جا، سنڌي هارين

جي حقن جي پائماليءَ جا، سنڌ ۾ پناهگيرن کي زور وٺائڻ جا، سنڌ کي پنجاب جي غلاميءَ ۾ ڏيڻ جا، سنڌ ۾ تعليم جي تباهيءَ جا، شاگردن کي ڏاڙيل بنائڻ جا اُهي ئي ته ذميوار آهن، انهن ظالمن جي ظلمن جي فهرست تمام ڊگهي آهي. تنهنڪري انهن سان ته جنگ جاري رهڻ کپي. پر پيلي مان ٿڪجي پيو آهيان. هاڻ عمر به وڏي ٿي ويئي آهي. هاڻ اڳوٽو رت ست به ڪونه رهيو آهي. تنهنڪري هاڻ اسان بس ڪئي. ايئن سمجهه ته منهنجو سفر پورو ٿيو. منهنجي اسٽيشن اچي ويئي. مان گاڏيءَ مان لهندس ته وري ڪو پيو چڙهندو. سفر جاري رهندو. بس سمجهه ته مان پنهنجي خصي پتيءَ جيتري قرباني ڏيئي چڪو آهيان. اُن کان وڌيڪ ڪجهه به ڏيئي نٿو سگهان. هونئن به ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته "ڪنهن به ڪارڪن کان اوترو وٺو جيترو هُو ڏيئي سگهي ٿو ۽ ڪنهن به ڪارڪن کي ايترو ڏيو جيتري کيس ضرورت آهي." سو مون اوترو ئي ڏنو جيتري مون ۾ سگهه هئي. ان کان وڌيڪ پڇ ڪانه اٿم."

"سچڻ سائين! ٿورو غور ته ڪر. تو برابر وقت جي ، جسم جي، مال جي پنهنجي پهچ آهر قرباني ڏني آهي. تو جيءَ ۾ جايون ڏيندڙ ڪنهن قربائتي جوانڙي جي قريب ڪي سک جون گهڙيون گهارڻ کي به قربان ڪيو آهي. تو اڻ هوند جي ڪري لوڪ جا طعنا ۽ ٽنڪا به سٺا آهن. تو ڪٿن کان ڪٿن وقت ۾ به هار ڪانه مڃي آهي ۽ تنظيم جو مان مٿانهون ڪيو آهي. پر ڇا اِها قرباني صرف هڪ طرفي هئي؟ ڇا تنظيم تو تي ڪابه سيڙپ ڪانه ڪئي آهي؟ تنهنجي سياسي تربيت ۽ تعليم تي، تنهنجي عقل ۽ شعور تي، تنهنجي تحرير ۽ تقرير تي. تنظيم ۾ تنهنجي حيثيت مطابق جاءِ ملڻ تي ڇا تنظيم جي ڪابه سيڙپ ڪانه ٿي هوندي؟ ڪوبه وقت ڪونه لڳو هوندو؟ ڇا هڪ نئين ماڻهوءَ کي تنهنجي سطح تي آڻڻ هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه آهي؟ ڇا اِها تنظيم سان بيوفائي ڪانهي ته هوءَ جنهن کي پالي تاتي تيار ڪري، سو پنهنجو سفر پورو ٿيڻ جو بهانو ڪري ٽپ ڏيئي تنظيم جي پيڙيءَ مان لهيو هليو وڃي؟ تون، آءٌ، هي، هُو جيڪڏهن آهستي آهستي تي سڀ پنهنجا پنهنجا گهر سنڀاليندا

جڏهن سندس نياڻي پرائمريءَ مان ٽپي ڇهين ڪلاس ۾ داخلا ورتي، تڏهن سندس پائر ۽ برادر وارا ڦري آيا. چيائونس ته جيڪڏهن توکي نياڻي پنهنجي قبيلي ۾ ڏيڻي آهي ته کيس انگريزي اسڪول مان ڪڍي وٺ. ڇو ته انگريزي پڙهيل ڇوڪري اسان جو قبيلو ڪونه قبوليندو. باقي ٻئي پاسي ڪٿي وڃي سَنو ڪرئين ته پوءِ تنهنجي مرضي. ايئن ڪرڻ سان اسان وٽ تنهنجو حقو پاڻي بند ٿي ويندو. وڏيڪ پاڻ راض وارو آهين. ۽ همراه ڇوڪري اسڪول مان ڪڍي ورتي. ڳچ جيترو عرصو اسان جو ملڻ ڪونه ٿيو. هڪڙي ڀيري ٻئوري آيس ته اهو همراه گڏجي ويو. ڇهري تي سونهاري شريف. نراڙ تي گاٺ جو ٽِڪو. چاريءَ واري ٽوپي مٿي تي. چيائين ته چڱن جي چانڊٺ چمي حاجي ٻه ٿي آيو آهيان. زوريءَ گهر وٺي ويو. چي: ماني کائينداسين. ماني کائيندي پڇيومانس "پنهنجي ننيڙي ته هاڻ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پهچي ويئي هوندي" چيائين " نه يار ڇوڪريءَ کي پرائمريءَ کان اڳتي پڙهائي نه سگهيس. برادر مون کان زور ٿي ويئي." هينئر هوءَ ٻن ٻارن جي ماءُ آهي." پوءِ هن برادر واري سموري ڪهاڻي ٻڌائي. چيومانس "منهن اوريان ڪر." مُنهن ويجهو ڪيائين. گهَي ڀونڊو منهن تي هنيو مانس. چيائين ته "ٻيو به هڻ." ٻيو به هنيومانس، ۽ ماني اڌ ۾ ڇڏي اٿي هليو آيس. چيومانس ته "تو جهڙي بزدل جي ماني نه کائيندس. "جيڪو ماڻهو ٻين اڳيان مدي خارج ريتن رسمن ۽ انهن جي هاڃيڪار نتيجن جون تقريرون ڪري، سو وري پنهنجي واري ۾ انهن تي ئي عمل ڪري ته اهڙي ماڻهوءَ کي ڇا چئجي؟! پلاتون ٿي ٻڌائي ته هِنن پنجن سالن ۾ ڇا ڇا گڏ ڪيو اٿئي جو ٻنهه تنظيم کان منهن موڙي ويٺو آهين؟"

"گڏ وري ڇا ڪرڻو آهي ڀاءُ سانوڻ. هارين جي تيز هلچل مهل مڙيئي ڪجهه زمين ڪٽ واري هٿ اچي ويئي ۽ ڪجهه پاسي ۾ پيل سرڪاري زمين تي قبضو ڪري مڙيئي سٺ ايڪڙ کن زمين هٿ ڪري ويو آهيان. نواز شريف اسڪيم مان پيلي ٽيڪسي ۽ هڪڙو ٽريڪٽر به هٿ ڪيا اٿم. ٻه ٽي ڏور مينهن جا آهن. کير مکڻ پنهنجو ٿيو پوي. زمين آباد پيو ڪرايان. اميد ته ايندڙ سيزن ۾ چڱي خاصي آمدني ٿي ويندي ٻن

چوڪرن کي نوڪري وٺرائي ڏني اٿم. بس ڪجهه وقت قوم جي فرض سان نڀاهيو سين هاڻ وري گهر ۽ ٻارن جي پيو ڪريان. وقت ٺيڪ ٺاڪ پيو گذري."

"ته ائين چئو نه ته "ڪيبر چئينج" پيو ٿئي. پنهنجي محنت ۽ قربانيءَ جو ڀرپور فاعدو پيو وٺين. پنهنجي اڻ هوند جو روئڻو ته محض ڏيکاءُ هو. ايئن چئو ته مال غنيمت کي هضم ڪرڻ لاءِ روپوش ٿي ويو آهين. مون کي اِن ڳالهه جو ڪو گهڻو افسوس ڪونهي ته تو ايئن ڇو ڪيو ۽ گڏيل جدوجهد مان حاصل ٿيندڙ رعايت کي ذاتي مقصدن لاءِ ڇو استعمال پيو ڪرين. ذاتي مفادن جي وهڪري ۾ وهندڙ ٻين دوستن جا نالا ته وڏي شدمد سان ورته پر ان فهرست مان پنهنجو نالو ڇو غائب ڪري ڇڏيءِ. پر، پر مون کي افسوس رڳو اِهو آهي ته تو پنهنجي قيمت تمام معمولي، خسيس ۽ سستي طئي ڪئي آهي. تو جهڙن ڪارڪنن جي قيمت فقط سٺ ايڪڙ زمين، هڪڙو ٽريڪٽر ۽ هڪڙي پيلي ٽيڪسي ئي ڪافي آهي؟ منهنجي خيال ۾ تو پاڻ کي پڳڙن مٺ تي نيلام ڪيو آهي. ڌوڙ جي پاٽي ٿي هئي ته ڪنهن وڏي ڍڳ مان پائين ها. تنهنجي لاءِ ته وزارت به معمولي ڳالهه هئي. ڇو ته مونکي ذاتي طرح خبر آهي ته تنهنجي مدلل بحث اڳيان ڄام ساقي جي زبان بند ٿي ويندي هئي ۽ هُو رڳو ڳيتون پيو ڏيندو هو. سو جيڪڏهن هُو سنڌ جي وزيراعليٰ جو صلاحڪار ٿي سگهي ٿو. ته تنهنجو گريڊ ته اڃا به وڌيڪ هئڻ گهرجي ها. پوءِ تو ڇو پنهنجي ايتري معمولي قيمت لڳائي. سچ پچ ته مون کي ڏاڍي حيرت ٿي آهي!؟"

"يار سانوڻ! تون پيو طعنا هڻ ۽ ميهڻا ڏي ۽ پلي پنهنجي دل خوش ڪر. باقي مون ڳالهه سچي ڪئي آهي. مان ته توکي به صلاح ڏيندس ته تون به گهڻي قربانيون ڏنيون آهن. گهڻيئي جنيون جهليون اٿئي. هاڻ تون به ڪجهه پنهنجي ڪر. هن دؤر ۾ هٿين خالي هلڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پاڻ واري يار قادوءَ کي ڏس: اربين روپين سان پيو کيڏي. ياد اٿئي راحت سئنيما ۾ ڇهين آني واري ٽڪيٽ ۾ گڏجي فلم ڏسندا هئاسين. هو سدائين جوکو هوندو هو. ڪڏهن به ٽڪيٽ ڪونه وٺندو هو. هر ڀيري پاڻ ٽڪيٽ ڀريندا

اينجلس به آهن ته لينن ۽ مائو به ۽ ساڳئي وقت ماڻهن روس جي زار شاهيءَ کي، آمريڪي، فرانسي، جپاني ۽ چيني شهنشاهيت جي پاسبانن کي کوڙ وساريو آهي. ماڻهن کي مارشل ٽيٽو ۽ شهنشاهه ايران جا نالا به ياد آهن. هاڻ اِها تنهنجي پنهنجي ذاتي "چوائس" آهي ته تون ڪهڙي صف ۾ بيهڻ پسند ڪندين" شهيد فاضل راهوءَ واري يا آمر قاتل ضياءَ واري. هونئن به زوريءَ جي ميندي رنگ ڪانه ڪندي. اگر به تون خوشيءَ سان تنظيم ۾ آيو هوئين ۽ هاڻ به رضا خوشيءَ سان ئي ڪم ٿي سگهي ٿو زبردستيءَ نه. مون کي رڳو ايترو چوڻو آهي."

"ساٿي سانوڻ! توکي شابس هجي. مون کي تنهنجي مضبوط ڪردار ۽ اٽل ارادي تي فخر آهي، جنهن تنظيم ۾ تو جهڙا ڪارڪن هجن، تنهن جي ڪاميابيءَ ۾ شڪ جي گنجائش ڪانهي، خوش نصيب آهي اسان جي سنڌ جنهن جي ڪک مان تو جهڙا عظيم سپوت جنم وٺن ٿا. مان پنهنجي رويي تي شرمسار آهيان. پنهنجي فيصلي تي نادم آهيان. مان تو سان نيئن سر وچن ٿو ڪريان ته مان پيهر اوهان سان گڏجي ڪم ڪندس. پڇاڙيءَ تائين، زندگيءَ جي آخري پساهن تائين. اِهو مڙساڻو واعدو آهي."

۽ پوءِ هڪ پيرو وري اسين پاڪرين پئجي وياسين، ڳچ دير تائين.

13- جولاءِ 1996ع



سنڌيءَ جي نوجوان ڪھاڻيڪار پرويز جو ڪتاب "رت جا ڦڙا" تازو پڙھيو اٿم. ٻيا ٻه ڪيترائي سنڌيءَ جا نوان ۽ نوجوان ڪھاڻيڪار قومي ۽ انقلابي شعور ۽ ذميواريءَ سان ڪھاڻيون لکن ٿا، پر پرويز جي لکڻين ۾ ھي خاصيتون ڀرپور نموني موجود آھن ۽ انھن ۾ دل جي سچائي ۽ قومي ذھن جي گھرائي ڏسجي ٿي، منھنجو رايو آھي ته ھن وقت پرويز سنڌيءَ جو سٺي ۾ سٺو ڪھاڻيڪار آھي ھو اسانکي اھڙيون ڪھاڻيون ڏيئي رھيو آھي، جن جي اسانجي سنڌي قوم کي گھرج آھي. ھن جون ڪھاڻيون فن توڙي مواد جي لحاظ کان اوچيون آھن. اھي سنيون سڌيون مقصد واريون ۽ ھر پڙھندڙ توڙي ٻڌندڙ جي سمجھ ۾ اچڻ جھڙيون آھن...... مان نوجوان ۽ سيڪڙاٽ ڪھاڻيڪارن کي صلاح ڏيندس ته ھو پرويز جي ڪھاڻين کي نموني طور آڏو رکي آئيندي ڪھاڻيون لکن.

**نجم عباسي**

(انٽرويو مان ڪنيل، ھفتيوار سنڌو، 26 جولاءِ 1990ع)

Design by: M.Sagar
Al-Razaque Computer Hyd: 0333-2634650

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَذ تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجھہَ ۽ ڏاھپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھہ ڏيندي انھن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيھاريو آھي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، ھو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاھا ڪن ٿا، موٽي مَنجھہِ پھاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالھہَ ھُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلھہ نيلا پيلا آھن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آھن........
... ... ... ...
ھي بيتُ اَٿي، ھي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنھي ۾ فَرَقُ نہ آ، ھي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنھن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنھن ھَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي ڀاڻ تي اِھو سوچي مَڙھڻ تہ ”ھاڻي ويڙھہ ۽ عمل جو دور آھي، اُن ڪري پڙھڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آھي.

پَڙھڻ جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ ڀاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَڙھڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪ ۽ ڪينئڻ** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)